ABC
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) اربع 04 فيبروري 2026ع 15 شعبان المعظم 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيا شمارو (173)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Daily Ibrat Karachi Wednesday 4th February 2026
Daily Ibrat Hyderabad Wednesday 4th February 2026

افغانستان جي ايجنٽ دهشتگردن کي بلوچ عوام سان گڏجي شڪست ڏينداسين: وزير دفاع

بلوچستان ۾ سرگرم دهشتگرد افغانستان جا ايجنٽ آهن، اهي ماڻهو رياست کي بليڪ ميل ڪرڻ چاهين ٿا، جيڪي عنصر اسان جا دشمن آهن، اهي انهن جا ايجنٽ آهن

دشمن ڪي پاڪستان تي حملن لاءِ پناهه ڏيڻ جاري آهي. گذريل ڏهاڪن دوران بلوچستان ۾ ترقي ٿي، رستا ۽ تعليمي ادارا تعمير ڪيا ويا آهن. جمهوري ڪلچر بلوچ قوم جو حق آهي

بلوچستان جا وسيلا مڪمل طور تي بلوچن جو حق آهن. جيڪڏهن بلوچستان ۾ رڳو چند ماڻهو وسيلن مان فائدو کڻي رهيا آهن ته وفاقي حڪومت علم. ماڻهن سان گڏ بيٺل آهي

بلوچستان ۾ دهشتگردن سان ڀارت ۽ افغانستان کي شڪست ڏينداسين. ننڍا جاٽي ٿي ته پارٽي جلسن. ڪلڀوشن يادير پاڪستان جي حراست ۾ آهي

پاڪستان ۾ دهشتگردن جي حملن ۾ ڀارت ملوث هجڻ جا ثبوت موجود آهن. جنگ ۾ شڪست بعد ڀارت پراڪسيز ذريعي پاڪستان خلاف جارحيت ڪري رهيو آهي: ميڊيا سان ڳالهيون

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزير دفاع خواجه آصف چيو آهي ته ايجنٽ دهشتگردن کي بلوچ عوام سان گڏجي شڪست ڏينداسين. اسلام آباد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي وزير دفاع خواجه آصف چيو ته بلوچستان ۾ سرگرم دهشتگرد افغانستان جا ايجنٽ آهن اهي
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: قزاقستان جو دفاع واري وزير ليفٽيننٽ جنرل دورين ڪوسوئنوو دفاع واري وزير خواجه آصف سان ملاقات ڪري رهيو آهي

سپريم ڪورٽ ۾ نور مقدم قتل ڪيس جي نظرثاني اپيل تي ٻڌڻي ملتوي

اسلام آباد (اي پي پي) سپريم ڪورٽ ۾ نور مقدم قتل ڪيس ۾ داخل نظرثاني
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

والاريل ڄمون ڪشمير جي سانبر ضلعي ۾ ڀارتي فوج جو گهيراءُ، 2 ڄڻا گرفتار

ڄمون (اي پي پي) غيرقانوني طور تي ڀارت جي قبضي هيٺ ڄمون ڪشمير جي
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

قاهره: مملڪتي وزير وحيهه قمر کي بين الاقوامي ڪانفرنس ۾ شيلڊ ڏني پئي وڃي

بلوچستان جي مسئلن کي مقامي نظر سان ڏسڻو پوندو: حنا رباني کر

بلوچستان جي صورتحال ڏهاڪن کان خراب ٿيندي پئي وڃي: پ پ اڳواڻ

صنعتي ڪچري ۽ ٽاسڪ ويسٽ کي سڌي ريت رستن ۽ نالن ۾ اڇليو ويندو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان پيپلزپارٽي جي سينيئر اڳواڻ ۽ اڳوڻي پرڏيهي وزير حنا رباني کر چيو آهي ته
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

بلوچستان جي بدامني معاشي ترقي خلاف دهشتگردي آهي: طلال چوڌري

بي ايل اي ۽ ٻيون دهشتگرد تنظيمون هڪ خاص مقصد لاءِ بدامني ڦهلائي رهيون آهن

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

پي ٽي آءِ باني هڪ سزا يافته قيدي آهي، ڪيس قانون موجب سهولتون مليل آهن: اعظم نذير تارڙ

پي ٽي آءِ باني کي نيب جي هڪ بدعنواني جي ڪيس ۾ هڪ سال کان وڌيڪ عرصي تي ٻڌل ڪلي ٻڌڻي ڪانپوءِ سزا ٻڌائي وئي

تازو ئي اڳوڻي وزيراعظم کي اکين جي علاج لاءِ پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز (پمز) منتقل ڪيو ويو هو

اسلام آباد (اي پي پي) قانون ۽ انصاف واري وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ اڱاري ڏينهن سينيٽ کي ٻڌايو ته پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) جو باني هڪ سزا يافته قيدي آهي ۽ ڪيس قانون ۽ جيل قاعدن جي عين موجب سمورين طبي ۽ قانوني سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن مخالف ڌر اڳواڻ طرفان اٿاريل اعتراض وارن
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ مراڪش وچ ۾ مفاهمت جي يادداشت تي صحيح

سڪيورٽي سهڪار کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ هڪ اهم سنگ ميل آهي: خواجه آصف

اسلام آباد (اي پي پي) دفاع واري وفاقي
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

سنڌ اسيمبلي 14 سالن بعد هڪ ڀيرو ٻيهر عالمي پارلياماني ڪانفرنس جي ميزباني لاءِ تيار

گلگت بلتستان اسپيڪر نذير احمد ۽ قومي اسيمبلي ميمبر تمڪين اختر نيازي پهچي ويا

سي پي اي ايشيا ريجن جي سٽين ۽ ايشيا-ڏکڻ اوڀر ايشيا ريجن جي ٻي گڏيل ڪانفرنس 7 فيبروري تائين جاري رهندي

ڪانفرنس ۾ پارلياماني تعليم، جعلي خبرن، موسمي تبديلي، صنفي معاملن ۽ علائقائي تعاون جهڙن اهم موضوعن تي بحث ٿيندو

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ اسيمبلي 14 ورهين کان پوءِ هڪ ڀيرو ٻيهر عالمي پارلياماني ڪانفرنس جي ميزباني لاءِ تيار آهي. ڪامن ويلٿ پارلياماني ايسوسيئيشن (سي پي اي) جي ڪانفرنس
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: برطانوي هاءِ ڪمشنر جين ميريٽ قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق سان گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

آسٽريليا ۽ برطانيه پاران ايران جي اختيارين تي نيون پابنديون لاڳو

لنڊن (اي پي پي) برطانيه ايران ۾ تازو بدامني کي منهن ڏيڻ ۾ ميبينه ڪردار جي
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

يورپي يونين پاران يورپي فوج کي دهشتگرد گروپ قرار ڏيڻ جو ايران جو اعلان رد

برسلز (اي پي پي) يورپي يونين ايران جي يورپي يونين جي ميمبر ملڪن جي فوج
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ آل پاڪستان نيوز پيپرز سوسائٽي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جو اجلاس، قرارداد منظور

ڊان ميڊيا گروپ خلاف سرڪاري اشتهارن تي پابندي اظهارِ راءِ تي حملو آهي: اي پي اين ايس

اي پي اين ايس جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي پاران ڊان ميڊيا سان مڪمل يڪجهتي، پابندي ختم ڪرڻ جو مطالبو

پي آءِ ڊي ۽ سنڌ انفارميشن ڊپارٽمينٽ تي بقايائن جي ادائيگي ۽ اخبارن کي منصفانه حصو ڏيڻ تي زور

ڪراچي (پ ر) آل پاڪستان نيوز پيپرز سوسائٽي (اي پي اين ايس) پنهنجي طرفان جاري ڪيل هڪ بيان ۾ ڊان ميڊيا گروپ کي سرڪاري اشتهارن تي مڪمل پابندي تي پنهنجي گهري ڳڻتي جو اظهار ڪيو
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آل پاڪستان نيوز پيپر ايسوسيئيشن جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي گڏجاڻي ٿي رهي آهي

ٽنڊوآدم واسي 6 ڄڻا مختلف روڊ حادثن ۾ فوت، 10 ڄڻا زخمي، شهر ڏک جي لهر

جڏهن پاڙي جا رهواسي جي وين ٽاٽو بولا خان ويجهو ايم نائين موٽر وي تي ٽرالر سان ٽڪرائجي وئي

حادثي ۾ 45 ورهين جي زمرين، 5 ورهين جو ابريش، وين ڊرائيور سميت 4 ڄڻا فوت ٿي ويا

لاش ۽ زخمي 50 ورهين جي عابد، 35 ورهين جي آرزو 3 ورهين جي عريش، 45 ورهين جي فائزه ۽ ٻين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

پٺائي نگر ڪالوني وٽ تيز رفتار ٽريڪٽر ٽرالي جي ٽڪر ۾ 13 ورهين جو زبير کهيري ٿڏي تي فوت ٿي ويو

ٽنڊوآدم (رپورٽ: شيراز سمون) مختلف روڊ حادثن ۾ ٽنڊو آدم واسي 6 ڄڻا فوت، 10 زخمي شهر اندر ڏک جي لهر ڇانئجي وئي سوين آلين اکين سان مٽيءَ ماءُ حوالي رپورٽ موجب ٽاٽو بولا خان
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

گورنر سنڌ پاران ڪي اليڪٽرڪ سي اي او خلاف صوبائي محتسب جو فيصلو ڪالعدم

مونس علوي خلاف هراسانگي ڪيس ۾ صوبائي محتسب جو 31 جولاءِ 2025ع جو فيصلو منسوخ

فيصلو قانوني تقاضائن تي پورو نٿو لهي، شاهدن کي نظرانداز ڪيو ويو: گورنر سنڌ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ پاران ڪي اليڪٽرڪ سي اي او خلاف صوبائي محتسب جو فيصلو ڪالعدم. گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري کي اليڪٽرڪ جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر مونس علوي خلاف
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت 127 ناڪاره ۽ ڪنڊيمڊ سرڪاري گاڏين جي نيلامي ڪئي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت پاران 127 ناڪاره ۽ ڪنڊيمڊ (Condemned) سرڪاري گاڏين جي مڪمل شفافيت ۽
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

ڪراچي عدالت پار سان جنسي زيادتي ڪيس ۾ جوابدار کي 26 سال قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج سينٽرل ڪمسن ٻچي سان جنسي زيادتي جي ڪوشش واري ڪيس جو فيصلو ٻڌائيندي ملزم افضل کي
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سنڌ اسيمبلي جو ڊپٽي اسپيڪر اينٿوني نويد ڪامن ويلٿ پارليامينٽري ايسوسيئيشن جي ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ ايندڙ مهمانن جو آڌر ڀاءُ ڪري رهيو آهي

نيب 2025ع ۾ 62 ڪروڙ 13 ارب رپين جي رڪوري ڪري تاريخ جو نئون رڪارڊ قائم ڪري ڇڏيو

نيب قبضي ۾ ورتل 29 لک 80 هزار ايڪڙ سرڪاري ۽ ٻيلن جي زمين به واڳزار ڪرائي: نذير احمد

هائوسنگ اسڪيمن جي 1 لک 15 هزار متاثرن کي 180 ارب رپين جو رليف فراهم ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) قومي احتساب بيورو (نيب) سال 2025ع دوران 6213 ارب رپيا (62 کرب 13 ارب رپيا) جي رڪارڊ رڪوري ڪندي پنهنجي قيام کان پوءِ سڀ کان وڏي ساليانو وصولي جو نئون رڪارڊ قائم ڪري ڇڏيو آهي نيب جي ساليانو ڪارڪردگي رپورٽ جاري ڪئي وئي ڊپٽي
بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير عليم خان ڪئنيڊا جي هاءِ ڪمشنر طارق علي خان کي شيلڊ ڏئي رهيو آهي

ڪراچي مختلف حادثن ۽ واقعن ۾ عورت سميت ٽي ڄڻا فوت

ڪارساز ڀرسان ريل گاڏي جي ٽڪر ۾ 50 سالن جي نامعلوم عورت فوت ٿي وئي

بلديا ٽائون مان ڪيترن ڏينهن پراڻو خواجا سرا لياقت جو لاش هٿ، جاچ شروع

سنڌي مسلم سوسائٽي مان 70 سالن جي شخص جو ڳلو ڪٽيل لاش برآمد، علائقي ۾ ڏهڪاءُ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ عورت ۽ خواجا سرا سميت 3 ڄڻا فوت ٿي ويا. ڪارساز پي ايف جي پٽ جي ويجهو ريل گاڏي جي ٽڪر ۾ 50 سالن جي نامعلوم
بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ تڪرار جو فوجي حل ناهي، سمورا معاملا ڳالهين ۽ سفارتڪاري ذريعي طئي ڪرڻ گهرجن: پاڪستان

ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ جنگ جو خطرو، پاڪستان کي ترڪي ۾ ٿيندڙ ڳالهين ۾ شرڪت لاءِ دعوت

"ها پاڪستان کي ڳالهين لاءِ دعوت ڏني وئي آهي" پرڏيهي آفيس جي ترجمان ترڪي ۾ ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ڳالهين ۾ شرڪت لاءِ دعوت جي تصديق ڪري ڇڏي

پاڪستان، استنبول ۾ ٿيندڙ ڳالهين ۾ شرڪت ڪندو، جنهن جو مقصد خطي ۾ ورندڙ ڇڪتاڻ کي گهٽ ڪرڻ ۽ ايران ۽ آمريڪا جي تڪرار جي حل جي راهه هموار ڪرڻ آهي: طاهر اندرابي

ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ لاڳاپي معاملن تي ڳالهيون جمعي تي ترڪي ۾ شروع ٿي رهيون آهن، آمريڪا جي خصوصي نمائندي اسٽيو وِيٽڪوف ۽ ايراني جو پرڏيهي وزير عباس عراقچي نمائندگي ڪندا

استنبول ۾ ٿيندڙ ڳالهين ۾ شرڪت لاءِ سعودي عرب، قطر، مصر، عمان ۽ متحده عرب امارات جي پرڏيهي وزيرن کي به دعوت، نائب وزيراعظم اسحاق ڊار پاڪستان جي نمائندگي ڪري سگهي ٿو

پاڪستان خطي ۾ امن ۽ استحڪام کي پنهنجي پرڏيهي پاليسي جي ترجيح قرار ڏئي ٿو ۽ ان ڏس ۾ ٻنهي ملڪن وچ ۾ پل جو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ تيار آهي: پرڏيهي ترجمان جون ميڊيا سان ڳالهيون

اسلام آباد (م ن) ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ترڪي ۾ ٿيندڙ ڳالهين ۾ پاڪستان کي به شرڪت جي دعوت ڏني وئي آهي پرڏيهي ڪاتي جي ترجمان طاهر اندرابي ترڪي ۾ ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ڳالهين ۾ شرڪت لاءِ دعوت جي تصديق ڪندي ٻڌايو ته "ها پاڪستان کي ڳالهين لاءِ دعوت ڏني وئي آهي" ترجمان موجب پاڪستان استنبول ۾ ٿيندڙ ڳالهين ۾ شرڪت ڪندو جنهن جو
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: صدر آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم شهباز شريف قزاقستان جي صدر قاسم جومارٽ ٽوڪايو جو پاڪستان پهچڻ تي آڌر ڀاءُ ڪري رهيا آهن

مسلمانن کي شب برات جي بابرڪت موقعي تي مبارڪباد

نيڪي ۽ تقويٰ کي مشعل راهه بڻايو وڃي: وزيراعظم

بابرڪت رات مسلمانن کي الله جي فضل ۽ ڪرم جو طلبگار ٿيڻ جو موقعو ڏئي ٿي

بيشڪ اها عظيم ۽ مقدس رات الله تعاليٰ جي خصوصي عنايت آهي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف سڄي دنيا جي مسلمانن کي شب برات جي بابرڪت موقعي تي
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ڪينسر جو عالمي ڏهاڙو ان موذي مرض جي سنگينيءَ جو احساس ڏياري ٿو: صدر

اسان ڪينسر جي خلاف جدوجهد جي لاءِ پنهنجي گڏيل عزم جو ورجاءُ ڪري رهيا آهيون

شهري، صحت، سول سوسائٽي جي تنظيمن ۽ نجي شعبي جا ماڻهو ان گڏيل مشن ۾ هٿ ونڊائين

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري چيو آهي ته اڄ اسان بحيثيت قوم ۽ عالمي برادري جي ميمبر جي طور تي
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ ليبيا ۾ ويجها رابطا برقرار رکڻ ۽ تعاون وڌائڻ تي اتفاق

وزيراعظم شهباز شريف سان ليبيا جي اعليٰ سطحي وزيراعظم هائوس ۾ ملاقات ڪئي

ملاقات دوران نائب وزيراعظم اسحاق ڊار ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير پڻ موجود هئا

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ۽ ليبيا ويجها رابطا برقرار رکڻ ۽ مستقبل ۾ تعاون جا امڪان ڳولڻ تي اتفاق ڪيو آهي جڏهن
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: مقامي جامع مسجد کي شب برات جي سلسلي ۾ روشنين سان سينگاريو ويو آهي

شب برات اسلامي تقويم جي انتهائي بابرڪت راتين مان هڪ آهي: صدر

مقدس رات کي الله تعاليٰ جي رحمت، مغفرت ۽ انسانن لاءِ فيصلن جي رات قرار ڏنو ويو آهي

ضروري آهي ته اسان پنهنجي اعمال جو سنجيدگي سان گهيراءُ ڪريون ۽ سچي دل سان توبهه ڪريون

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري چيو آهي ته شب برات اسلامي تقويم جي انتهائي بابرڪت راتين مان هڪ
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

دهشتگردن لاءِ رياست ۾ ڪا به جاءِ ناهي: بئريسٽر گوهر

دهشتگردي جي معاملي تي پوري قوم ۽ ايوان متحد آهي

آئين جو آرٽيڪل 68 ججن جي ڪنڊڪٽ تي بحث کان روڪي ٿو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين بئريسٽر گوهر خان چيو آهي ته دهشتگردي جي معاملي تي
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ميئر ڪراچي تيموريا لائبريري بحالي منصوبو ۽ ترقياتي ڪم جو افتتاح ڪري ڇڏيو

تعليمي ۽ ثقافتي ورثي جو تحفظ بلديه عظميٰ جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي: مرتضيٰ وهاب

علم ۽ ادب جي واڌ ويجهه لاءِ لائبريرين جي تزئين ۽ بحالي هڪ اهم قدم آهي

راشد منهاس روڊ ۽ سر شاهه سليمان روڊ تي به ڪوريڊور تعمير ڪيا ويندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب ضلعي وسطي جي علائقي نارٿ ناظم آباد ۾ پندرهن ڪروڙ
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ضلعي ۽ يونٽ سطح تي ڪارڪردگي کي وڌيڪ بهتر لاءِ عملي قدم کنيا ويندا: آءِ جي سنڌ

آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو جي صدارت ۾ امن امان قيام بابت اجلاس ٿي گذريو

ڏوهن جي روڪٿام، جاچ، تحقيق ۽ ڪارڪردگي جي تقابلي جائزي بابت سفارشون طلب ڪيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) انسپيڪٽر جنرل آف پوليس سنڌ جاويد عالم اوڍو جي صدارت هيٺ صوبي ۾ امن امان جي قيام ۽ ڏوهن
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

گرفتارين ۽ ڪرڙين ايف آءِ آرن سياسي انتقام جو مثال آهن: ڪاشف سعيد شيخ

پارٽي احتجاج جاري رکندي، عوامي حقن جي تحفظ لاءِ جدوجهد جاري رهندي

حڪومت هوش کان ڪم نه ورتو ته پوءِ 14 فيبروري تي نه سنڌ اسيمبلي آڏو ڌرڻو ٿيندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) امير جماعت اسلامي سنڌ ڪاشف سعيد شيخ سانحي گل پلازا بابت حڪومتي مجرمانه غفلت
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

منگهوپير ٽائون چيئرمين جو عوامي شڪايتن تي خراب سيوريج لائين جو دورو

سائٽ عربين ولاز ۾ سيوريج لائين ڀڄي وڃڻ سبب رهواسين کي مشڪلاتن پيش

چيئرمين حاجي نواز علي بروهي دورو ڪري خرابيءَ جو تفصيلي جائزو ۽ فني بريفنگ ورتي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) منگهوپير ٽائون جي حدن اندر واقع سائٽ عربين ولاز ۾ سيوريج لائين ڀڄي وڃڻ سبب علائقي جي
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

عمران خان تي ظلم ۽ ٻي جا قيد جمهوري حقن جي ڀڃڪڙي آهي: حليم عادل شيخ

910 ڏينهن کان وڌيڪ قيد، ذهني اذيت ۽ بنيادي سهولتن کان محرومي رياستي جبر جو مثال آهي

عوام پرامن طريقي سان چوري ڪيل مينڊيٽ خلاف 8 فيبروري جي هڙتال کي ڪامياب بڻائيندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ناڻي واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب سٽي بينڪ جي وفد سان گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

عورتن کي دهشتگردي لاءِ هٿيار طور استعمال ڪرڻ اسلامي ۽ بلوچ قدرن جي ابتڙ قرار

قومي اسيمبلي ۾ بلوچستان ۾ ٿيندڙ دهشتگردي خلاف متفقه قرارداد منظور

پرڏيهي سرپرستي جي خاتمي ۽ دهشتگردن خلاف زيرو ٽالرنس سان فيصلائتي عسڪري ۽ سفارتي ڪارروائي جو مطالبو

شهري آبادي، عورتن ۽ ٻارن تي حملا معاف نه ڪرڻ جهڙا ڏوهه آهن ۽ رياست اهڙن عنصرن خلاف زيرو ٽالرنس رکيو آهي

دهشتگردي خلاف جنگ پوري قوم جي جنگ آهي ان ۾ سياسي اختلافن کان مٿاهون ٿي ڪري هر پارٽي جو قومي اتحاد وقت جي اهم ترين ضرورت آهي

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي بلوچستان ۾ تازي دهشتگردي جي لهر خلاف جامع قرارداد متفقه طور منظور ڪري ورتي آهي جنهن ۾ رياست دهشتگردن ۽ سندن پرڏيهي سرپرستن خلاف زيرو ٽالرنس ۽ فيصلائتي ڪارروائي جو واضح اعلان ڪيو آهي ايوان عورتن کي دهشتگردي لاءِ هٿيار طور استعمال ڪرڻ کي اسلامي ۽
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

حڪومت سنڌ جي سمورن ڊويزن ۾ 10 سينٽرز آف ايڪسيلينس قائم ڪري رهي آهي: وڏو وزير

هنرمند پروگرام تحت 4 هزار 200 کان وڌيڪ معذور ماڻهن مهارتن جي تربيت مڪمل ڪئي آهي

هنرمند پروگرام جي هر ٽن گريجوئيٽن مان هڪ معذور عورت آهي، روزگار جي قدمن ۾ صنفي شموليت کي خاص اهميت ڏني پئي وڃي

ٻار مستقبل ۾ سماج لاءِ مثبت ڪردار ادا ڪندا ۽ اسان جو مشن معذور ماڻهن کي سماج جو فعال ۽ بااختيار رڪن بڻائڻ آهي

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه معذور ماڻهن جي زندگيءَ جي معيار کي بهتر بڻائڻ لاءِ پنهنجي حڪومت جي عزم جو ورجاءُ ڪندي چيو آهي ته مهارتن جي واڌ، تعليم ۽ روزگار ذريعي بااختيار بڻائڻ سنڌ
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

قازقستان جو صدر قاسم جومارٽ ٽوڪايوف 2 ڏينهن جي دوري تي پاڪستان پهچي ويو

اسلام آباد (اي پي پي) قازقستان جو صدر
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

نيول چيف ايڊمرل نويد اشرف سان ليبيا جي بحري ڪمانڊر ان چيف ليفٽيننٽ جنرل صدام خليفه حفتر جي ملاقات، مختلف شعبن تي ڳالهيون

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪ بحريه جي سربراهه ايڊمرل نويد اشرف سان ليبيا جي
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير ليبيا جي وزيراعظم ڊاڪٽر اسامه سعد حماد ۽ آرمي چيف فيلڊ مارشل خليفا ابوالقاسم هفتار سان گڏجاڻي ڪري رهيا آهن

ملڪ ۾ حڪومت ڪنهن جي به هجي حرجماعت پاڪ فوج سان گڏ بيٺل آهي: پير پاڳارو

پاڪ فوج ملڪ ۾ امن قائم ڪرڻ ۽ دهشتگردي کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي

موسمي تبديلي ڪري زراعت کي نقصان پهچي رهيو آهي جنهن ڪري اوهان چوپايو مال پاليو

حر جماعت کي چوان ٿو ته پاڙي وارن جو خيال ڪيو اهي ڏک سک ڀرين پاڙي وارا پهچن ٿا: شاهپورچاڪر ۾ جلسي کي خطاب

شاهپورچاڪر (ن ع) ملڪ ڏکي وقت مان گذري رهيو آهي اهڙي حالت ۾ سياست نه ڪرڻ گهرجي ملڪ ۾ حڪومت ڪنهن جي به هجي حرجماعت ملڪ پاڪستان پاڪ فوج سان گڏ بيٺل آهي حرن جي روحاني
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: سپريم ڪورٽ جو چيف جسٽس يحيٰ آفريدي مختلف صوبائي بار ڪائونسلن جي صدر ۽ سيڪريٽرين سان گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

ايران خلاف ڌرتي استعمال نه ڪنداسين: اردن

عمان (اي پي پي) اردن چيو آهي ته ايران تي حملن لاءِ پنهنجي ڌرتي يا فضائي
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

شب برات رحمت، مغفرت ۽ خود احتسابي جي عظيم رات آهي: سينيٽ چيئرمين

هن بابرڪتن واري رات ۾ الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن تي خاص رحمت نازل فرمائيندو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي پريس ڪلب ۾ پاپولر ليفٽ الائنس جي ڪانفرنس، رياستي پاليسين خلاف سخت قراردادون پاس

پاڪستان تحريڪ انصاف ۽ عمران خان آمر قوتن جي سهڪار سان سياست ۽ اقتدار ۾ آيو هو اسان ڪيس جمهوري قوت نه ٿا سمجهون: امداد قاضي

ايس آءِ ايف 18 ترميم بعد خاتمو تي چڪو آهي، ٻين مزاري ۽ سندس ور کي پيڪا ايڪٽ تحت 17،17 سال سزا ٻڌائي وئي آهي: نور احمد ڪاتيار

73 جو آئين قومي، جمهوري حقن جي ضمانت نه آهي، ان وسيلي سنڌ جي وسيلن تي قبضا ڪيا ويا آهن: عبدالخالق جونيجو ۽ ٻين جو خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪابه ڏن قوم پرست، هارين مزدورن سان لاڳاپيل جماعتن تي ٻڌل پاپولر ليفٽ الائنس طرفان ڪراچي پريس ڪلب ۾ سڏايل جمهوري قوتن جي ڪانفرنس ۾ شريڪ سڀني سياسي پارٽين
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ترقيون ماڻيندڙ 18 پوليس آفيسرن جون مقرريون ۽ بدليون، نوٽيفڪيشن جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مقررين جي انتظار ۾ تازو ترقيون ماڻيندڙ 18 پوليس آفيسرن
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ رينجرز جي ڀتاخورن خلاف ڪارروائي، ٽي جوابدار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان رينجرز (سنڌ) جي ڀتاخوري خلاف وڏي ڪارروائي
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2



فنوم پينهه: سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني جو ڪمبوڊيا پهچڻ تي گارڊ آف آنر پيش ڪيو پيو وڃي

ڪوٽ لالو لڳ پوليس پاران مبينا مقابلي ٽن ڌاڙيلن کي مارڻ جي دعويٰ، وارثن جو احتجاجي ڌرڻو

منگيا ناڪو روٽ مقابلي بعد ڌاڙيل عاقب شر، مجن شر ۽ مولا بخش شر مارجي ويا آهن: پوليس

مارجي ويل جا لاش تعلقي اسپتال مان پوسٽ مارٽم ڪرڻ بعد وارثن حوالي ڪيا آهن

وارثن لاش کڻائي مهراڻ هاءِ وي تي رکي ڌرڻو، 5 ڪلاڪن بعد ڊي ايس پي پهچي ڳالهين بعد ڌرڻو ختم ڪرايو

فيض گنج (ن ع) ڪوٽ ڪوٽ لالو ڀرسان مبينا پوليس مقابلي جاٽائي کي ڄڻا مجن شر عاقب شر ۽ مولا بخش شر کي پوليس گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو آهي قتل ٿيل ٽنهي ڄڻن جا لاش پوسٽ مارٽم لاءِ فيض گنج جي سرڪاري اسپتال آندا ويا جتان پوسٽ مارٽم ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيا ويا ٽنهي ڄڻن جا لاش سندن وارثن کٽي مهراڻ هاءِ وي تي لاش رکي احتجاج ڪندي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

مارجي ويل ۽ شيراز شوڪت راڄپر ۾ زمين جا معاملي تان تڪرار هلندڙ هو: ذريعا

مارجي ويلن جا پوليس گهر ڊاهي پٽ ڪيا هئا جنهن جو الزام ايم پي اي مٿان لڳايو ويو

وڏيري ظهير حاجاڻو جي وچ ۾ اچڻ بعد ايم پي اي سان ناهه ڪرائي فيصلو ڪيو ويو

فيض گنج: مقابلي ۾ ماريل ٽنهي ڄڻن ۽ پ پ ايم پي اي شيراز شوڪت راڄپر وچ ۾ زمين جا معاملي تان تڪرار هلندڙ
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت پاران عاقب شر مٿان 30 لک رپيا انعام پڻ مقرر ڪيو ويو

فيض گنج: سنڌ حڪومت پاران عاقب شر مٿان 30 لک رپيا انعام پڻ مقرر ڪيو ويو هو ايس ايس پي نوشهروفيروز پاران
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ايم پي اي شيراز شوڪت راڄپر پاران واقعي کي مشڪوڪ قرار ڏيندي گهرو وزير خط

واقعي بابت جي آءِ ٽي جوڙي انڪوائري ڪرائي ملوث اهلڪارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي: موقف

فيض گنج: پيپلز پارٽي ايم پي اي شيراز شوڪت راڄپر پاران پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل ٽنهي نوجوان جي قتل کي
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 اجلاس

سهولتن جي دستيابي عملي جي تربيت ۽ عوامي آگاهي بابت قدمن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ سيڪريٽري صحت ۽ پروجيڪٽ ڊائريڪٽر (PD) ريبز ڪنٽرول پروگرام شرڪت ڪئي اجلاس دوران چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه سڄي صوبي ۾ 300 ريبز سينٽرن کي اپ گريڊ ۽ متحرڪ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ته جيئن عوام کي وقت سر ۽ معياري علاج جي سهولت ملي سگهي چيف سيڪريٽري هدايت ڪئي ته صوبي ۾ هر 10 کان 15 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي ريبز جي علاج جي سهولت هجڻ گهرجي ته جيئن ڪتي جي چڪ ڪٽڻ جي صورت ۾ فوري طبي امداد ممڪن ٿي سگهي

بقايا 2 دعوت

مقصد خطي ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ کي گهٽ ڪرڻ ۽ ڳالهين ذريعي تڪرار جي حل جي راهه هموار ڪرڻ آهي ايراني ۽ آمريڪي عهديدارن ٻڌايو آهي ته ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ائٽمي معاهدي تي ڳالهيون جمعي تي ترڪي ۾ شروع ٿي رهيون آهن آمريڪا جي خصوصي نمائندي اسٽيو وٽڪوف ۽ ايراني جي پرڏيهي وزير عباس عراقچي ڳالهين ۾ پنهنجي ملڪن جي نمائندگي ڪندا ۽ ٻنهي ملڪن وچ ايراني جوهري معاهدي بابت هلندڙ تڪرار سفارتڪاري ذريعي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا ته جيئن خطو نئين جنگ کان بچي سگهي هڪ عهديدار موجب استنبول ۾ ٿيندڙ ڳالهين ۾ شرڪت لاءِ پاڪستان سعودي عرب، قطر مصر عمان ۽ متحده عرب امارات جي پرڏيهي وزيرن کي به دعوت ڏني وئي آهي

بقايا 3 قرارداد منظور

بلوچ قدرن جي ابتڙ قرار ڏيندي ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته سمورين سياسي قوتون نظرياتي اختلافن کان مٿانهون ٿي ڪري ملڪي سلامتي ۽ پاڪ فوج سان گڏ بيٺل آهن قرارداد ۾ دهشتگردي جي نيٽ ورڪنگ ۾ ملوث پرڏيهي قوتون خاص ڪري ڀارت جي ناپاڪ ڪردار خلاف سخت رد عمل جو مطالبو به ڪيو ويو آهي آڳاٽي ڏينهن قومي اسيمبلي ۾ پارلياماني معاملن واري وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري متفقه قرارداد جنهن ۾ سمورين پارلياماني پارٽين جي اڳواڻن جون صحيحون موجود آهن پيش ڪندي چيو ته هي ايوان بلوچستان ۾ تازي دهشتگردي جي واقعن جي شديد لفظن ۾ مذمت ڪري ٿو جنهن ۾ نه رڳو معصوم شهرين کي نشانو بڻايو ويو پر عورتن کي هٿيار طور استعمال ڪرڻ جهڙا ڪڌي ۽ غير انساني حربا استعمال ڪيا ويا. هي ايوان ان ڳالهه تي گهري ڏک، افسوس ۽ ڳڻتي جو اظهار ڪري ٿو ته دهشتگرد نيٽ ورڪ عورتن جي استحصال، زبردستي ذهني دٻاءُ ۽ بليڪ ميلنگ ذريعي ڪين رياست ۽ معاشري خلاف استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي

بقايا 4 وڏو وزير

حڪومت جي اهم ترين ترجيحن ۾ شامل آهي. هن اها ڳالهه اڱاري ڏينهن ڪورنگي ۾ NOWPDPجي سرڪزن ۾ منعقد ٿيل معذور ماڻهن جي گريجوئيشن تقريب 2024—25 کي خطاب ڪندي ڪئي. ان موقعي تي سيڪريٽري ڊپارٽمينٽ آف ايمپاورمينٽ آف پرسنز ود ڊس ايبلٽيز DEPDطحيٰ فاروقي، ناؤ ڊبليو پي ڊي پي جو صدر امين هاشوائي، چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر عمير احمد، جنرل مينيجر فاطمه جميل ۽ ٻيا به موجود هئا. وڏي وزير چيو ته هي تقريب "هنرمند پروگرام" جي تحت منعقد ڪئي وئي جيڪو ڊپارٽمينٽ آف ايمپاورمينٽ آف پرسنز ود ڊس ايبلٽيز سنڌ حڪومت ۽ ناؤ ڊبليو پي ڊي پي جي گڏيل سهڪار سان هلائي پيو وڃي. هن ٻڌايو ته هن پروگرام جي مالي سهائتا ڊي اي ڊي ڪري رهيو آهي ۽ ان جو مقصد معذور ماڻهن کي خودمختيار ۽ باوقار زندگي گذارڻ جي قابل بڻائڻ آهي. سيد مراد علي شاهه ٻڌايو ته سنڌ حڪومت جي سهڪار سان گذريل پنجن سالن دوران 65 هزار کان وڌيڪ معذور ماڻهن سڌي ريت فائدو حاصل ڪيو جڏهن ته ناؤ ڊبليو پي ڊي پي سان گڏيل قدمن جي نتيجي ۾ سڄي صوبي ۾ 3 لک 25 هزار کان وڌيڪ ماڻهن جي زندگيءَ ۾ مثبت تبديلي آئي آهي.

بقايا 5 پهچي ويو

قاسم جومارت توڪايوف 2 ڏينهن جي دوري تي پاڪستان پهچي ويو ڪالهه اڱاري ڏينهن صدر آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم محمد شهباز شريف نور خان ايئربيس تي سندس شاندار استقبال ڪيو نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار وفاقي ڪابينا جا ميمبر ۽ اعليٰ عملدار پڻ قازقستان جي صدر جي استقبال لاءِ موجود هئا. قازقستان جو صدر جهاز کان ٻاهر آيو ته صدر آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم محمد شهباز شريف ساڻس گرمجوشي سان هٿ ملايو روايتي لباس پهريل ٻارن کيس گل پيش ڪيا قازقستان جي صدر جي ان موقعي تي صدر ۽ وزيراعظم سان خوشگوار جملن جي ڏي وٺ ٿي ٻنهي ملڪن جا جهنڊا پڪڙيل ٻارن معزز مهمانن کي ڀليڪار ڪيو

بقايا 6 ڳالهيون

عرب هٿياربند فوج جي ڊپٽي ڪمانڊر ان چيف ليفٽيننٽ جنرل صدام خليفه حفتر نيول هيڊڪوارٽرز اسلام آباد ۾ ملاقات ڪئي. پاڪ بحريه جي ترجمان موجب نيول هيڊڪوارٽرز آمد تي چيف آف دي نيول اسٽاف معزز مهمان جي آجيان ڪئي ملاقات دوران ٻنهي اڳواڻن گڏيل دلچسپي جي معاملن خطي جي ميري ٽائيم سيڪيورٽي جي اڀرندڙ صورتحال دفاع ۽ عسڪري تربيت جي شعبن ۾ سهڪار کي هٿي وٺرائڻ جي طريقن تي ڳالهيون ڪيون ليفٽيننٽ جنرل صدام خليفه حفتر علائقائي امن ۽ بحري تحفظ لاءِ پاڪ بحريه جي اهم ڪردار جي تعريف ڪئي ٻنهي اڳواڻن موجوده ٻطرفي دفاعي لاڳاپن جي دائري ڪار کي وڌيڪ وسعت ڏيڻ ۽ مستحڪم ڪرڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو

بقايا 7 پير پاڳارو

پيشوا پير پاڳاري شاهپورچاڪر پرسان ڳوٺ خليفو حاجي عبدالحميد انڙ ۾ خليفو دودو انڙ جي دعوت ۾ لکين گڏ ٿيل حر جماعت کي خطاب ڪندي چيو ته فوج ملڪ ۾ امن قائم ڪرڻ ۽ دهشتگردي کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهي آهي ملڪ پاڪستان جي ڪري اسان جي عزت آهي آءٌ اوهان کي چوان ٿو موسمي تبديلي ڪري زراعت کي نقصان پهچي رهيو آهي جنهن ڪري اوهان چوپايو مال پاليو ان ۾ وڌيڪ نفعو حاصل ڪري سگهو ٿا هن حر جماعت کي چيو ته هو پنهنجن نياڻين تعليم ڏين عورتون پڙهيل هونديون ته هو اولاد کي بهتر تربيت ڏينديون ڏاڻائڻيون ته بهتر گهر هلائينديون آهن

بقايا 8 اردن

حدون استعمال ڪرڻ جي اجازت نه ڏيندا سين. پرڏيهي ميڊيا موجب اها ڳالهه اردن جي پرڏيهي وزير گذريل ڏينهن پنهنجي ايران جي هم منصب عباس عراقچي سان ٽيليفون تي ڳالهين دوران چئي. اردن جي پرڏيهي وزارت پاران جاري بيان موجب ايمن الصفدي چيو ته اردن ڪنهن به علائقائي تڪرار ۾ ميدان جنگ يا ايران خلاف ڪنهن به فوجي ڪارروائي لاءِ لانچنگ پيڊ نه بڻجندو ايران تي امڪاني حملي جي آمريڪي ڌمڪين بابت هن چيو ته اردن ڪنهن به ڌر کي پنهنجي هوائي حدن جي ڀڃڪڙي ڪرڻ يا پنهنجي سلامتي ۽ پنهنجي شهرين جي حفاظت کي خطري ۾ وجهڻ جي اجازت نه ڏيندو

بقايا 9 سينيٽ چيئرمين

سيد يوسف رضا گيلاني چيو آهي ته شب برات الله تعاليٰ جي رحمت، مغفرت ۽ بخشش جي عظيم رات آهي جيڪا انسان کي خود احتسابي توبهه ۽ استغفار ۽ نيڪي جي رستي تي گامزن ڪرڻ جو پيغام ڏئي ٿي شب برات جي بابرڪت موقعي تي قوم جي نالي پنهنجي خاص پيغام ۾ هن چيو ته شب برات هڪ مقدس ۽ روحاني رات آهي جنهن ۾ الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن تي خاص رحمت نازل فرمائيندو آهي گناهن کي معاف ڪندو آهي ۽ ايندڙ سال جي معاملن بابت فيصلا فرمائيندو آهي هي رات اسان کي پنهنجي زندگين تي غور ۽ فڪر ڪرڻ، پنهنجي ڪوتاهين جو احساس ڪرڻ ۽ الله تعاليٰ جي بارگاهه ۾ سچي توبهه ذريعي ان جي ويجهڙائي حاصل ڪرڻ جو درس ڏئي ٿي

بقايا 10 قراردادون پاس

جي اڳواڻ نمائندن هڪ قومي ڪانفرنس ۾ مختلف قرار دادون پاس ڪندي بلوچستان جي صورتحال تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي ۽ اتي پيدا ٿيل حالتن جي ذميواري رياستي ادارن تي رکندي مطالبو ڪيو ته بلوچستان مسئلي جو حل سياسي ۽ جمهوري طريقن سان ۽ اتان جي عوام جي خواهش مطابق ڪيو وڃي پاڪستان ۾ جمهوري ادارن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ غير جمهوري قوتن جي سياست ۽ رياستي معاملن ۾ مداخلت مڪمل طور ختم ڪئي وڃي ملڪ کي گهڻ قومي رياست قرار ڏئي سڀني قومي وحدتن کي برابر حيثيت ڏني وڃي ڪين پنهنجن وسيلن تي مڪمل اختيار ڏئي سندن حق حڪمراني تسليم ڪيو وڃي. وفاق وٽ رڳو اهي اختيار هجن جن تي وفاقي وحدتن جون چونڊيل اسيمبليون متفق ٿين يعني اختيارن جي منتقلي وفاق کان صوبن ڏانهن ڪرڻ بدران صوبن کان وفاق ڏانهن اختيار ڏيڻ جو طريقو اختيار ڪيو وڃي انتظامي بنيادن تي قومي وحدتن کي ٽوڙي نوان صوبا ٺاهڻ جون ڪوششون ختم ڪيون وڃن.

بقايا 11 نوٽيفڪيشن جاري

جون مقررين ۽ بدليون جاري ڪيل نوٽيفڪيشن مقرري موجب اظهار لاهوري کي ايڊيشنل اي آئي جي ڪراچي رينج، عابد رضا يوسفزئي کي اسسٽنٽ اي آئي جي ڪمپلينٽ انويسٽيگيشن حيدرآباد مقرر ڪيو آهي محمد اسلم انڙ کي ايڊيشنل اي آئي جي ڪراچي رينج مقرر ڪيو ويو آهي، محمد بخش خاصخيلي کي ايس پي هيڊڪوارٽر حيدرآباد مقرر ڪيو ويو آهي، جهانگير احمد هاشمي کي ايس ايس پي هائوي پيٽرول حيدرآباد مقرر ڪيو ويو آهي .غلام مصطفيٰ ڪاڇيلو کي ايس پي ڪمپلينٽ انويسٽيگيشن ميرپورخاص رينج مقرر ڪيو ويو آهي.

بقايا 12 گرفتار

پاڪستان رينجرز (سنڌ) خفيه اطلاع جي بنياد تي ڪراچي جي علائقي سُپر مارڪيٽ لياقت آباد ۾ ڪارروائي ڪندي ڀتاخوري ۾ ملوث ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي. گرفتار جوابدارن ۾ محمد اقبال عرف پپو ولد امام دين، محمد معراج ولد نصيرالدين ۽ بابر خان بنگش ولد ظهير خان بنگش شامل آهن انچارج موجب جوابدار لياقت آباد سُپر مارڪيٽ واري علائقي ۾ مختلف دوڪاندارن ۽ ريڙهي وارن کان روزاني بنياد تي لڳ ڀڳ 4 لک رپيا ڀتو وصول ڪندا هئا. ڀتو نه ڏيڻ جي صورت ۾ جوابدار دوڪاندارن کي جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏيندا هئا. جنهن سبب علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙيل هو

بقايا 13 ڌرڻو

موقعي تي عبدالباري شر غازي نجم الحق فاروقي شاهد حسين شر وڪيل الطاف شر تصوير باقي ۽ ٻين چيو ته ايس ايڇ او ڪوٽ لالو نور الدين ڪونهارو پاران مولا بخش شر کي گرفتار ڪيو هو ايس ايڇ او فون ڪري مڃن شر ۽ عاقب شر کي گهرايو ته مسئلو حل ٿا ڪيون جنهن بعد ڪوٽ لالو پوليس پرائيويٽ ماڻهن سان گڏجي ڪوڙو پوليس مقابلو ڏيکاري اسان جا ٻئي نوجوان قتل ڪيا آهن جيڪو قتل عدالت کان معان آهي هنن چيو جيستائين ملوث پوليس اهلڪارن تي ڪيس داخل ڪري گرفتار نٿا ڪيا وڃن ڌرڻو ختم نه ڪنداسين 5 ڪلاڪن بعد ڊي ايس پي نظير سيال مظاهرين وٽ پهچي يقين ڏياريو ته واقعي معاملي تي عدالتي انڪوائري ڪرائي ويندي

بقايا 14 مقرر ڪيو ويو

ڌوهارين جي لسٽ جاري ڪئي وئي هئي جنهن ۾ مولا بخش شر ۽ عاقب شر جا نالا پڻ شامل هئا مولا عاقب شر مولا بخش شر تي ڪوٽ لالو نوشهرو فيروز فيض گنج پڊعيدن سميت مختلف ٿاڻن تي چورين ڦر جهيڙن جا 30 ڪيس داخل ٿيل هئا

بقايا 15 ڌرڻا

هو جنهن ۾ ايم پي اي ۽ قتل ٿيل عاقب شر مولا بخش شر پاران ايم پي اي شيراز شوڪت راڄپر کي سوشل ميڊيا تي بيان جاري ڪندي ڌمڪيون پڻ ڏنيون هيون پوليس پاران قتل ڌوهاري ڄاڻايل قتل ڪيل جا ڪجهه وقت اڳ پوليس گهر ڊاهي پٽ ڪيا هئا جنهن جو الزام ايم پي اي مٿان لڳايو ويو هو جنهن بعد ڪورڪي حاجاڻو سان تعلق رکندڙ وڏيري ظهير حاجاڻو جي وچ ۾ اچڻ بعد ايم پي اي ۽ هنن وچ ۾ ٺاهه ڪرائي فيصلو ڪيو ويو هو ته پوليس پاران داخل ڪيل ايم پي اي نهرائي ڏيندي پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل غلام مجتبيٰ عرف مڃن شر برادري جو چڱو مڙس هو جيڪو ڌوهن جي دنيا کان پري هوندو هو ۽ ان شريف ماڻهو کي پوليس مقابلو ڏيکاري قتل ڪري ڇڏيو آهي

بقايا 16 گهرو وزير خط

مشڪوڪ قرار ڏيندي هڪ ليٽر لکي گهرو وزير ۽ سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته واقعي بابت جي آءِ ٽي جوڙي انڪوائري ڪرائي ملوث اهلڪارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ايم پي اي پاران مقتولن جي وارثن سان دلي همدردي جو اظهار ڪيو ويو آهي هوڏانهن ڪوٽ لالو پوليس سان بار بار رابطو ڪرڻ باوجود پوليس ڪوبه موقف نه ڏنو جڏهن ته واقعي جو ڪوبه ڪيس داخل نه ٿيو آهي

بقايا 17 حليم عادل شيخ

پي ٽي آءِ جي سرپرست اعليٰ عمران احمد خان نيازي کي 910 کان وڌيڪ ڏينهن بناجواز قيد ۾ رکڻ لڳاتار اڪيلائي ذهني اذيت ۽ بنيادي سهولتن کان محروم رکڻ آئين پاڪستان عدالتي حڪمن ۽ عالمي انساني حقن جي کلي ڀڃڪڙي آهي هن چيو ته عمران خان جي صحت بابت خفيه قدم کڻيائين ۽ ذاتي ڊاڪٽرن سان ملاقات نه ڪرائڻ ۽ جيل اختيارين جي پرده پوشي رياستي جبر جي چٽي مثال آهي. جنهن سبب سڄي قوم سخت پريشاني ۾ مبتلا آهي حليم عادل شيخ چيو ته سنڌ ۾ پي ٽي آءِ ڪارڪنن جون بي جا گرفتاريون، گهرن تي ڇاپا، عورتن ۽ بزرگن کي هراسان ڪرڻ ۽ سياسي سرگرمين کي زور ذريعي دٻائڻ جون ڪوششون فسطائي طرز حڪمراني کي واضح ڪن ٿيون هن چيو ته سنڌ حڪومت پاران ڪراچي مان 180 کان وڌيڪ پرامن پي ٽي آءِ اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي MPO-3تحت قيد ڪرڻ جمهوريت نه، پر کليل آمريت آهي جنهن جو مقصد عوام جي آواز کي دٻائڻ آهي هن بلوچستان سميت ملڪ ڀر ۾ وڌندڙ بدامني ۽ دهشتگردي جي واقعن جي مذمت ڪندي چيو ته عوام جي جان ۽ مال کي خطرا حڪمرانن جي ناڪام پاليسين جو نتيجو آهن جڏهن ته عوامي مسئلن جي حل بدران سياسي مخالفن کي نشانو بڻائڻ حڪومت جي ترجيحن کي بي نقاب ڪري ٿو هن واضح ڪيو ته پي ٽي آءِ نه ظلم کان ڊڄندي ۽ نه ئي حق ۽ آئين جي جدوجهد کان پوئتي هٽندي پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ چيو ته 8 فيبروري تي يوم سياهه، ملڪ گير شٽر ڊائون ۽ ڦيٿا روڪ هڙتال عوامي راءِ جو اظهار آهي ۽ عوام پرامن طريقي سان چوري ڪيل مينڊيٽ خلاف 8 فيبروري جي هڙتال کي ڪامياب بڻائيندي هن چيو ته اهو ڏينهن عوامي مينڊيٽ جي چوري خلاف پرامن پر فيصلائتو احتجاج جو ڏينهن هوندو هن سنڌ جي عوام، واپاري برادري، وڪيلن شاگردن ۽ هر طبقي کي اپيل ڪئي ته هو آئين جمهوريت ۽ پنهنجي ووٽ جي تحفظ لاءِ هن احتجاج ۾ ڀرپور شرڪت ڪن

بقايا 18 دورو

رهواسين کي سخت مشڪلاتن ۽ پريشانين کي منهن ڏيڻو پيو گندي پاڻي جي نيڪالي جو نظام مڪمل طور متاثر ٿيڻ ڪري نه رڳو عوام جي روزمره زندگي سخت متاثر ٿي رهي هئي پر ماحولياتي آلودگي بدبوءِ ۽ صحت عامه جا سنگين خطرا پڻ پيدا ٿي چڪا هئا. جنهن ڪري فوري ڪارروائي انتهائي ضروري بڻجي وئي هئي صورتحال جي سنگيني کي نظر ۾ رکندي، چيئرمين منگهوپير ٽائون حاجي نواز علي بروهي عوامي شڪايتن جو فوري نوٽيس وٺندي متاثر هنڌ جو تفصيلي هنگامي موقعي تي وڃي دورو ڪيو دوري دوران چيئرمين سيوريج لائين جي خسته، بوسيده ۽ ناڪاره حالت جو باريڪ بيني سان جائزو ورتو ۽ لاڳاپيل بلدياتي ۽ فني عملدارن کان صورتحال بابت جامع بريفنگ حاصل ڪئي معائنو مڪمل ٿيڻ بعد، چيئرمين منگهوپير ٽائون خراب ۽ بوسيده سيوريج لائين کي فوري طور تبديل ڪرڻ جا واضح ۽ سخت حڪم جاري ڪيا هن هدايت ڪئي ته ڪم هنگامي بنيادن تي بغير ڪنهن دير جي شروع ڪيو وڃي ۽ مقرر مدي اندر مڪمل ڪيو وڃي هن خاص زور ڏنو ته تعميراتي ڪم دوران معيار، مضبوطي، جديد فني تقاضائن ۽ مستقبل جي آباديءَ جون ضرورتون هر صورت ۾ نظر ۾ رکجن ته جيئن اهڙي صورتحال ٻيهر پيدا نه ٿئي دوري جي موقعي تي ميونسپل ڪمشنر منگهوپير ٽائون احمد يار ۽ وائيس چيئرمين منگهوپير ٽائون رانا محمد عارف پڻ موجود هئا. جڏهن ته لاڳاپيل کاتن جي عملدارن ۽ فيلڊ اسٽاف سيوريج لائين جي خرابيءَ جي سببن، موجوده نظام جي ڪمزورين ۽ تجويز ڪيل حلن بابت فني تفصيلون پيش ڪيون علائقي جي رهواسين چيئرمين منگهوپير ٽائون جي بروقت دوري، موقعي تي موجودگي ۽ فوري فيصلن کي ساراهيندي اطمينان ۽ اعتماد جو اظهار ڪيو ۽ اميد ظاهر ڪئي ته سيوريج لائين جي تبديلي بعد سندن هي پراڻو مسئلو مستقل بنيادن تي حل ٿي ويندو ۽ ڪين صاف ۽ محفوظ ماحول ميسر ايندو آخر ۾ چيئرمين منگهوپير ٽائون لاڳاپيل عملدارن کي سختي سان هدايت ڪئي ته ڪم جي مسلسل اثرائتي ۽ شفاف نگراني کي يقيني بڻايو وڃي ۽ عوامي مسئلن جي حل ۾ ڪنهن به قسم جي لاپرواهي يا دير برداشت نه ڪئي ويندي، چيو ته عوام جي خدمت ۽ سندن مسئلن جو بروقت حل ٽائون انتظاميه جي اولين ترجيح آهي.

بقايا 19 ڪاشف سعيد شيخ

خلاف جماعت اسلامي جي سربراهي هيٺ شاهراهه فيصل تي ٿيل پرامن "جيئڻ ڏيو ڪراچي" مارچ تي ٽيپو سلطان ٿاڻي ۾ امير جماعت اسلامي ڪراچي منعم ظفر ۽ ٻين اڳواڻن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرڻ جي سخت مذمت ڪندي ان کي حڪومتي بوکلاهٽ، سياسي انتقام ۽ بدترين فسطائيت قرار ڏنو آهي. هن پنهنجي بيان ۾ چيو ته پيپلزپارٽي پاڻ کي سڀ کان وڏي عوامي ۽ جمهوريت جي دعويدار پارٽي سڏائي ٿي، پر 8 فيبروري جي احتجاج کي روڪڻ لاءِ وڏي پيماني تي سياسي ڪارڪنن جون گرفتاريون، چادر ۽ چارديواري جي تقدس جي لتاڙ کان وٺي پرامن "جيئڻ ڏيو ڪراچي" مارچ خلاف ڪوڙيون ايف آءِ آرون داخل ڪرڻ ثابت ڪري ٿو ته پيپلزپارٽي حڪومت آمريت جي دور کي به پوئتي ڇڏي ڏنو آهي. جماعت اسلامي کي گرفتارين ۽ ايف آءِ آرن ذريعي نه ڊڄائي سگهجي ٿو ۽ نه جهڪائي سگهجي ٿو ۽ نه ئي دٻائي سگهجي ٿو. "بدل دو نظام" تحريڪ کان وٺي عوامي حقن جي جدوجهد جاري رهندي. جيڪڏهن مراد علي شاهه جي حڪومت هوش کان ڪم نه ورتو ته پوءِ 14 فيبروري تي نه رڳو ڪراچي ۾ سنڌ اسيمبلي آڏو ڌرڻو ٿيندو پر ان جو دائرو پوري سنڌ ۾ وڌائي سگهجي ٿو.عوامي آواز کي دٻائڻ جي هر ڪوشش کي ناڪام بڻايو ويندو. ايف آءِ آر سان جدوجهد نٿي رڪجي سگهي. ڪراچي جي حقن جي تحريڪ کان وٺي عوامي مسئلن جي حل لاءِ جدوجهد جاري رهندي. اعلان ڪيل شيڊول موجب سنڌ اسيمبلي آڏو ڀرپور ڌرڻو ڏنو ويندو.

بقايا 20 آءِ جي سنڌ

جي روڪٿام بابت هڪ اعليٰ سطحي اجلاس سينٽرل پوليس آفيس ڪراچي ۾ منعقد ٿيو اجلاس ۾ ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي اسپيشل برانچ آپريشن ٽريننگ، اسٽيبلشمينٽ، هيڊڪوارٽرز مختلف ڊي آءِ جيز اي آءِ جيز ۽ ٻيا سينيئر پوليس آفيسر شرڪت ڪئي اجلاس دوران اي آءِ جي آپريشنز صوبي ۾ امن امان جي صورتحال، ڌوهن جي روڪٿام ۽ پوليس پاران کنيل قدمن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني بريفنگ ۾ سنگين ڌوهن اسٽريٽ ڪرائم منظم ڌوهن قبائلي تڪرارن ۽ انساني حقن جي ڀڃڪڙين سميت ٻين اهم معاملن تي روشني وڌي وئي. آءِ جي سنڌ اجلاس ۾ ڌوهن جي روڪٿام جاچ ۽ تحقيق ۽ ڪارڪردگي جي تقابلي جائزي بابت جامع سفارشون طلب ڪيون هن چيو ته ضلعي ۽ يونٽ سطح تي ڪارڪردگي کي وڌيڪ بهتر اثرائتو ۽ جوابده بڻائڻ لاءِ عملي قدم کنيا ويندا. اجلاس ۾ اهو فيصلو پڻ ڪيو ويو ته پوليس آفيسرن جي ڪارڪردگي جو جائزو ڌوهن خلاف کنيل قدمن ۽ حاصل ڪيل نتيجن جي بنياد تي ورتو ويندو بهتر ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ آفيسرن جي حوصلا افزائي ڪئي ويندي، جڏهن ته غير تسلي بخش ڪارڪردگي تي سخت جواب طلب ڪئي ويندي. آءِ جي سنڌ واضح ڪيو ته صوبي ۾ امن امان جي قيام لاءِ سمورن وسيلن کي ڀرپور نموني استعمال ڪيو ويندو ۽ ڌوهن ۾ ملوث عنصرن خلاف بنا ڪنهن رعايت جي ڪارروائي جاري رهندي

بقايا 21 افتتاح ڪري ڇڏيو

ربين جي لاڳت سان تيموريا لائبريري بحالي منصوبي جو افتتاح ڪري ڇڏيو ان موقعي تي ڪي ايم سي سٽي ڪائونسل ۾ ڊپٽي پارلياماني ليڊر دل محمد، جمن دروان ڊائريڪٽر جنرل ڪي ڊي اي آصف جان صديقي، چونڊيل نمائندا ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. تقريب کي خطاب ڪندي ميئر ڪراچي چيو ته تعليمي ۽ ثقافتي ورثي جو تحفظ بلديه عظميٰ ڪراچي جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي هن چيو ته سنڌ حڪومت ۽ ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي جي سهڪار سان لائبريرين جي بحالي عوامي سهولتن جي بهترين مثال آهي ميئر ڪراچي وڌيڪ چيو ته تيموريا لائبريري کي جديد سهولتن سان آراسته ڪيو ويو آهي جنهن سان شاگردن شاگردياڻين ۽ علم دوست شهرين کي معياري تعليمي ماحول مهيا ٿيندو جڏهن ته مستقبل جي معمارن لاءِ هتي وڌيڪ سهولتون به فراهم ڪيون وينديون هن چيو ته ڪراچي ۾ علم ۽ ادب جي واڌ ويجهه لاءِ لائبريرين جي ترڻين ۽ بحالي هڪ اهم قدم آهي. جڏهن ته تعليمي انفراسٽرڪچر جي بهتري ۽ شهر جي مجموعي ترقي بلدياتي ادارن جي اولين ترجيح آهي ميئر ڪراچي چيو ته ماضي ۾ تيموريا لائبريري سخت بگاڙ جو شڪار هئي جتي سوين شاگرد امتحانن جي تياري لاءِ ايندا هئا. پر ويهڻ ۽ مطالعو ڪرڻ جون مناسب سهولتون موجود نه هيون ميئر ڪراچي چيو ته سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، صوبائي وزير بلديات سيد ناصر حسين شاهه ۽ ڊاڪٽر عاصم حسين جي سهڪار سان هي منصوبو مڪمل ڪيو ويو ۽ لائبريري کي هڪ ڀيرو ٻيهر عوام لاءِ کوليو ويو آهي هن ٻڌايو ته لائبريري جي چوڌاري سيوريج جي صورتحال خراب هئي جنهن تي لاڳاپيل آفيسرن کي فوري طور طلب ڪيو ويو آهي هن واضح هدايت ڏني ته جيڪڏهن ڪٿي به ڪا لاپرواهي نظر آئي ته ذميوار آفيسر خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي ميئر ڪراچي چيو ته الزام تراشي بدران ادارن کي پنهنجي دائري اندر رهندي ڪم ڪرڻو پوندو ڇو ته شهري صرف پنهنجن مسئلن جو حل چاهين ٿا هن چيو ته هي سال ڪراچي لاءِ ترقياتي ڪمن جو سال ثابت ٿيندو ۽ بلديه عظميٰ ڪراچي شهر تي وڏي پيماني تي خرچ ڪندي ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته شهر جي مختلف ضلعن ۾ ڇويهه روڊن جي تعمير ۽ بحالي جي منظوري حاصل ڪئي وئي آهي، جن تي ساڍا پنج ارب رپين جي لاڳت سان اَزسرنو تعميراتي ڪم ڪيو ويندو هن چيو ته انهن روڊن تي هلندڙ مهيني جي آخر تائين عملي ڪم جو آغاز ڪيو ويندو ته جيئن شهرين کي بهتر سفري سهولتون مهيا ٿي سگهن هن ٻڌايو ته جن اهم شاهراهن کي بهتر بڻايو ويندو انهن ۾ يونيورسٽي روڊ، اولڊ سٽي جا مختلف رستا، ايم اي جناح روڊ، آءِ آءِ چندريگر روڊ ۽ مرزا آدم خان روڊ شامل آهن مرزا آدم خان روڊ لياري جي پٺيان گارڊن طرف وڃي ٿي ۽ لياري ايڪسپريس وي سان ملي ٿي جيڪا ڌوبي گهاٽ روڊ جي نالي سان به سڃاتي وڃي ٿي انهن شاهراهن جي بحالي سان ٽريفڪ جي رواني ۾ نمايان بهتري ايندي. ميئر ڪراچي چيو ته شهر ۾ ٽريفڪ جو دٻاءُ گهٽ ڪرڻ لاءِ لڳ ڀڳ چار ارب رپين جي لاڳت سان ڪراچي جا چار ڪوريڊور پڻ تعمير ڪيا پيا وڃن جن جو پهرين مرحلي ۾ حبيب يونيورسٽي کان پهلوان ڳوٺ تائين ۽ ٻئي مرحلي ۾ شارع فيصل کان ناٿا خان تائين ڪوريڊور تعمير ڪيو ويندو جيڪو گلستان جوهر وڃڻ وارن لاءِ متبادل رستو هوندو هن چيو ته ان منصوبي جا ٽينڊر مڪمل ٿي چڪا آهن ۽ ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ تعميراتي ڪم شروع ڪيو ويندو ميئر ڪراچي وڌيڪ چيو ته راشد منهاس روڊ ۽ سر شاهه سليمان روڊ تي به ڪوريڊور تعمير ڪيا ويندا، جنهن سان شهر ۾ آمدرفت وڌيڪ آسان ٿي ويندي تجاوزات جي مسئلي بابت ڳالهائيندي هن چيو ته ڪجهه علائقن ۾ روڊن ۽ نالن تي غيرقانوني قبضا ترقياتي ڪمن ۾ رڪاوٽ بڻيا آهن. تنهن هوندي به بلديه عظميٰ ڪراچي وسيلن کي بهتر نموني استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. ميئر ڪراچي چيو ته ڪورنگي ڪاز وي پل عوام لاءِ کوليو ويو آهي جڏهن ته مرغي خانه پل کي مارچ تائين ٽريفڪ لاءِ کوليو ويندو جنهن سان لانڍي ۽ قائد آباد جي رهواسين کي وڏي سهولت ملندي ساڳئي طرح ڪيٽل ڪالوني ايڪسپورٽ پروسيسنگ زون پل جو ڪم فيبروري تائين مڪمل ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته عوام جي وڌ کان وڌ خدمت ۽ شهرين جي مسئلن جو حل سندن چونڊ منشور جو بنياد آهي جڏهن ته موجود وسيلا عوام تي خرچ ڪرڻ ئي سندن پاليسي آهي هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي خدمت وارو نظريو اسان لاءِ رهنمائي جو ذريعو آهي ۽ ان ئي سوچ تحت ڪراچي جي ترقي ۽ بهتري لاءِ عملي قدم کنيا پيا وڃن ميئر ڪراچي چيو ته ڪراچي کي ذاتي ملڪيت سمجهڻ واري سوچ ناقابل قبول آهي هن چيو ته ڪجهه سئو ماڻهن جي احتجاج سبب لکين شهرين کي تڪليفن ۾ مبتلا ڪرڻ عوام دشمن رويو آهي هن چيو ته شهر جي مختلف ٽائونن ۾ اختيار هئڻ باوجود عملي ڪم بدران احتجاجي سياست ڪئي پئي وڃي ميئر ڪراچي چيو ته گل پلازا جي سانحي تي وفاقي سطح تي ذميوارن جي غيرحاضري افسوسناڪ آهي هن واضح ڪيو ته شهر جا ترقياتي فنڊ عوام جي امانت آهن ۽ انهن جو استعمال شفاف نموني شهر جي بهتري لاءِ ڪيو ويندو هن آخر ۾ چيو ته ڪراچي سڀني جو شهر آهي ۽ ان جي خدمت اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي

بقايا 22 بئريسٽر گوهر

پوري قوم ۽ ايوان متحد آهي رياست ۾ هٿيار کڻندڙن لاءِ ڪا به جڳهه ناهي اڱاري ڏينهن ايوان ۾ خيالن جو اظهار ڪندي هن آئين جي آرٽيڪل 68 ۽ 69 جو حوالو ڏيندي پارلياماني ڪارروائي ۾ لفظ حذف ڪرڻ جي عمل تي قانوني خدشن جو اظهار ڪيو ۽ ايوان جي آزادي برقرار رکڻ تي زور ڀريو بلوچستان ۾ بدامني جي صورتحال تي بحث ۾ حصو وٺندي هن چيو ته دهشتگردي جي مذمت ۾ ڪو "اگر مگر" نه هجڻ گهرجي هن واضح ڪيو ته سياسي اختلاف راءِ هر ڪنهن جو حق آهي ۽ ان کي برداشت ڪرڻ گهرجي، پر جيڪو شخص به رياست خلاف هٿيار کڻندو ان لاءِ ڪا به رعايت نه هوندي. ايوان مان اهو متفق پيغام وڃڻ گهرجي ته پاڪستان جي ڌرتي تي دهشتگردن لاءِ ڪا به جڳهه ناهي بئريسٽر گوهر اسپيڪر طرفان ڪجهه لفظن کي حذف ڪرڻ تي آئيني نقطو اٿاريندي چيو ته آئين جو آرٽيڪل 68 ججن جي ڪنڊڪٽ تي بحث کان روڪي ٿو جڏهن ته آرٽيڪل 69 پارليامينٽ جي ڪارروائي کي عدالتي مداخلت کان تحفظ فراهم ڪري ٿو هن رولز آف بزنس جي رول 284 جو حوالو ڏيندي چيو ته صرف اهو ئي لفظ حذف ڪرڻ گهرجن جيڪي غير پارلياماني، توهين آميز يا ايوان جي ڊيڪورم جي خلاف هجن هن وڌيڪ چيو ته اسان آزاد عدليه لاءِ ڊگهي جدوجهد ڪئي آهي ۽ آئنده به ڪنداسين جيڪڏهن ايوان ۾ عدليه تي ڪا تنقيد ٿئي ٿي ته ان کي سڌارن جي روشني ۾ ڏسڻ گهرجي پارليامينٽ جي ميمبرن وٽ اهو اختيار هجڻ گهرجي ته پوري قوت سان عوامي مسئلن ۽ اداره جاتي سڌارن تي بحث ڪري سگهن هن اسپيڪر کي گذارش ڪئي ته سڌارن بابت تعميري ڳالهه ٻولهه کي حذف نه ڪيو وڃي ته جيئن پارليامينٽ جو وقار برقرار رهي

بقايا 23 صدر

آهي جيڪا پندرهين شعبان المعظم تي اچي ٿي ان مقدس رات کي الله تعاليٰ جي رحمت، مغفرت ۽ انسانن جي لاءِ فيصلن جي رات قرار ڏنو ويو آهي هي رات انسان کي توبهه ۽ استغفار نفس جو گهيراءُ ۽ الله تعاليٰ طرف رجوع جو خصوصي ۽ قيمتي موقعو فراهم ڪري ٿي عالمن موجب شب برات اها مبارڪ رات آهي جنهن ۾ بخشش، رحمت ۽ نجات جا فيصلا صادر ٿين ٿا ڪالهه اڱاري ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب صدر آصف علي زرداري شب برات جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو ته شب برات مسلمان امت جي لاءِ الله تعاليٰ جي خصوصي عنايتن رحمت ۽ مغفرت حاصل ڪرڻ جي عظيم رات آهي ان بابرڪت موقعي تي آئون پوري پاڪستاني قوم کي دلي خير جو پيغام پيش ڪريان ٿو هي رات اسان کي الله تعاليٰ جي بي پناهه رحمت، ان جي ڪرم ۽ فضل ۽ انسانن سان ان جي شفقت جي گهري ياد ڏياري ٿي هن چيو ته شب برات اسان کي دعوت ڏئي ٿي ته اسان پنهنجي اعمال جو سنجيدگي سان گهيراءُ ڪريون الله تعاليٰ جي آڏو سچي دل سان توبهه ڪريون ۽ پنهنجي انفرادي ۽ گڏيل زندگين کي نيڪي، تقويٰ ۽ اصلاح جي راهه تي گامزن ڪريون هي مقدس رات انسان کي پنهنجي ڪوتاهين تي ندامت ۽ مستقبل جي لاءِ بهتر ۽ صحيح رستو اختيار ڪرڻ جي ترغيب ڏئي ٿي هن چيو ته اسلام اسان کي صبر درگذر رحمدلي ۽ گڏيل همدرديءَ جو درس ڏئي ٿو ۽ شب برات انهن اعليٰ اخلاقي قدرن کي اختيار ڪرڻ جو عملي موقعو فراهم ڪري ٿي، هي رات اسان کي ياد ڏياري ٿي ته الله تعاليٰ جي رحمت بي حد ۽ بي حساب وسعت رکندڙ آهي جنهن ۾ هو پنهنجي بندن جي لاءِ مغفرت جا دروازا کولي ڇڏي ٿو صدر چيو ته آئون ان موقعي تي قوم کي اپيل ڪريان ٿو ته اسان شب برات جي برڪتن سان ڀرپور فائدو کڻندي هڪ ٻئي جي حقن جو احترام ڪريون معاشري ۾ امن برداشت ۽ پائيداري کي فروغ ڏيون ۽ ملڪ جي ترقي، استحڪام ۽ خوشحالي جي لاءِ پنهنجو مثبت ۽ تعميري ڪردار ادا ڪريون. اڄ جڏهن پاڪستان کي مختلف نوعيت جا چئلينجز درپيش آهن، شب برات اسان کي اميد، اصلاح ۽ گڏيل اتحاد جو پيغام ڏئي ٿي هي رات اسان کي ان عزم جي تجديد جو موقعو فراهم ڪري ٿي ته اسان ذاتي مفادن کان مٿانهون ٿي قومي مفاد ۽ گڏيل ڀلائي کي مقدم رکون آئون هن مقدس رات الله تعاليٰ آڏو دعاگو آهيان ته هو پاڪستان کي امن ۽ سلامتي، معاشي استحڪام ۽ قومي يڪجهتي سان نوازي، اسان کي هڪ ٻئي جي لاءِ آسانيون پيدا ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ اسان جي ڪوششن کي ملڪ ۽ قوم جي ڀلائي لاءِ شرف قبوليت بخشي الله تعاليٰ اسان کي شب برات جي پيغام کي صحيح معنيٰ ۾ سمجهڻ ان تي عمل ڪرڻ ۽ پنهنجي زندگين ۾ مثبت ۽ پائيدار تبديلي آڻڻ جي توفيق عطا فرمائي

بقايا 24 اتفاق

ته وزيراعظم محمد شهباز شريف ليبيا سان دوستاڻي لاڳاپن کي فروغ ڏيڻ جي لاءِ پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪندي مسلسل رابطن ۽ ڳالهه ٻولهه جي اهميت تي زور ڏنو آهي وزيراعظم محمد شهباز شريف سان ليبيا جي اعليٰ سطحي وفد ڪالهه اڱاري ڏينهن وزيراعظم هائوس ۾ ملاقات ڪئي وفد ليبيا جي حڪومت جي وزيراعظم ڊاڪٽر اسامه سعد حمد، ليبيا جي هٿياربند فوج جي ڪمانڊر ان چيف فيلڊ مارشل خليفه ابوالقاسم ۽ نائب ڪمانڊر ان چيف ليفٽيننٽ جنرل صدام خليفه حفتر تي ٻڌل هو ان موقعي تي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ۽ چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير پڻ موجود هئا

بقايا 25 صدر

ڪينسر جي خلاف جدوجهد جي لاءِ پنهنجي گڏيل عزم جو ورجاءُ ڪري رهيا آهيون هي ڏينهن نه رڳو ان موذي مرض جي سنگيني جو احساس ڏياري ٿو پر اتحاد، جدت ۽ مسلسل عملي قدمن جي ذريعي اميد کي مضبوط بڻائڻ جو هڪ موقعو پڻ آهي. پاڪستان ۾ ڪينسر بدستور فوتگين جو هڪ وڏو سبب آهي جتي ساليانو هڪ لک آبادي ۾ اندازي موجب 185 نوان ڪيسز رپورٽ ٿين ٿا، شهري آبادي ۾ تيز رفتار اضافي رهڻي ڪهڻي ۾ تبديليون ۽ آگاهي جي کوٽ ان بار کي وڌيڪ وڌائي ڇڏيو آهي اهي حقيقتون ڪينسر جي روڪٿام ۽ ڪنٽرول جي لاءِ اسان جي ڪوششن کي مضبوط بڻائڻ ۽ اڳڀرائي کي تيز ڪرڻ جي فوري ضرورت کي واضح ڪن ٿيون

بقايا 26 وزيراعظم

مبارڪباد ڏيندي چيو آهي ته پندرهين شعبان المعظم جي اها مقدس رات الله تعاليٰ جي آڏو پنهنجي اعمال تي نظرثاني ۽ ڄاتي واڻي ڪوتاهين تي استغفار ۽ تزڪيه نفس جو موقعو فراهم ڪري ٿي اها رات ترغيب جو سبب آهي ته پنهنجي انفرادي ۽ اجتماعي زندگي جي اصلاح ڪندي نيڪي ۽ تقويٰ کي مشعل راهه بڻايو وڃي ڪالهه اڱاري ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري شب برات 15 شعبان 1447هه تي پيغام ۾ وزيراعظم چيو ته اها مبارڪ رات مسلمانن کي الله جي فضل ۽ ڪرم رحمت، برڪتن ۽ بخشش جو طلبگار ٿيڻ جو موقعو فراهم ڪري ٿي الله تعاليٰ هن مبارڪ رات جي روحاني قدر ۽ منزلت سان مسلمانن کي فائدو کڻڻ جي سعادت عطا فرمائي

بقايا 27 وزير دفاع

ماڻهو رياست کي بليڪ ميل ڪرڻ چاهين ٿا، جيڪي عنصر اسان جا دشمن آهن اهي انهن جا ايجنٽ آهن دشمنن کي پاڪستان تي حملن لاءِ پئيرائي جاري آهي. گذريل ڏهاڪن دوران بلوچستان ۾ ترقي ٿي رستا ۽ تعليمي ادارا تعمير ڪيا ويا آهن. جمهوري ڪلچر بلوچ قوم جو حق آهي. سندن وسيلا مڪمل طور تي بلوچن جو حق آهي. جيڪڏهن بلوچستان ۾ رڳو چند ماڻهو وسيلن مان فائدو کڻي رهيا آهن ته وفاقي حڪومت عام ماڻهن سان گڏ بيٺل آهي.

بقايا 28 ٻڌڻي ملتوي

اپيل تي ٻڌڻي وقت جي گهڻتائي سبب اڻڄاڻايل مدي لاءِ ملتوي ڪئي وئي آهي ڪيس جسٽس هاشم ڪاڪڙ جي سربراهي ۾ قائم 3 رڪني بينچ جي سامهون مقرر هو جڏهن ته عدالتي مصروفيت سبب ٻڌڻي نه ٿي سگهي

بقايا 29 گرفتار

ضلعي سانبه ۾ ڀارتي فوج گهيراءُ ۽ تلاشي جي ڪارروائي ڪندي 2 ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو ڪشمير ميڊيا سروس مطابق ضلعي جي علائقي ٻڙي برهمڻ ۾ ايم اي ايس بلڊنگ ويجهو 2 ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو جيڪي فوجي وردي پهريل هئا. شڪي ماڻهن جي گرفتاري کانپوءِ علائقي ۾ سيڪيورٽي هاءِ الرٽ ڪئي وئي ۽ ڀارتي فوج علائقي جو گهيرو ڪري تلاشي جي ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي

بقايا 30 حنا رباني کر

بلوچستان جي صورتحال ڏهاڪن کان خراب ٿيندي پئي وڃي ۽ هاڻي وقت اچي ويو آهي ته اسان پراڻن ٽولز ڇڏيون ۽ اتي جي مسئلن کي پاڻ بلوچ عوام جي موقف سان ڏسون قومي اسيمبلي ۾ خيالن جو اظهار ڪندي هن چيو ته پنجاب، خاص ڪري مظفرڳڙهه جي علائقن ۾ هيوي انڊسٽري طرفان ماحولياتي قانونن جي سنگين خلاف ورزين ۽ انساني حياتين جي نقصان تي ايوان جو ڌيان ڇڪرايو حنا رباني کر چيو ته اسان گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن کان بلوچستان ۾ هڪ جهڙا طريقا استعمال ڪري رهيا آهيون جنهن سان صورتحال بهتر ٿيڻ بدران وڌيڪ خراب ٿي آهي

بقايا 31 طلال چوڌري

مملڪتي وزير طلال چوڌري صاف لفظن ۾ واضح ڪيو آهي ته بلوچستان ۾ جاري ڪارروايون ڪنهن به صورت ۾ "آزادي جي جنگ" نه پر پاڪستان کي معاشي طور تي غير مستحڪم ڪرڻ جي سازش آهي بي ايل اي ۽ ٻيون دهشتگرد تنظيمون هڪ خاص مقصد لاءِ بدامني پکيڙي رهيون آهن انهن جو مقصد رڳو پاڪستان کي ڊي اسٽيبلائز ڪرڻ ۽ ذاتي مفاد حاصل ڪرڻ آهي جنهن ۾ ماڻهن کان ڀتو وٺڻ، ڦرمار ڪرڻ ۽ اسمگلنگ جهڙي ڪاروبار تي پنهنجي هڪ هٽي قائم ڪرڻ شامل آهي

بقايا 32 اعظم نذير تارڙ

نقطن جو جواب ڏيندي قانون واري وزير چيو ته آئين هر ماڻهو کي بنيادي حقن جي ضمانت ڏئي ٿو پر انهن حقن لاءِ قانوني طريقيڪار مقرر آهي هن چيو ته اڳوڻي وزيراعظم ۽ پي ٽي آءِ جي باني کي نيب جي هڪ بدعنواني جي ڪيس ۾ هڪ سال کان وڌيڪ عرصي تي ٻڌل کلي ٻڌڻي کانپوءِ سزا ٻڌائي وئي ۽ هو هن وقت ٻڌڻي هيٺ نه پر سزا يافته قيدي طور پنهنجي سزا پوري ڪري رهيو آهي اعظم نذير تارڙ ايوان کي ٻڌايو ته اڳوڻو وزيراعظم هڪ ٻي ريفرنس ۾ به سزا يافته آهي جنهن ۾ هڪ زيور جي سيٽ جي گهٽ قيمت ظاهر ڪئي وئي، جيتوڻيڪ ان جي ماليت ڪروڙين رپيا هئي جنهن سان قومي خزاني کي نقصان پهتو

بقايا 33 يادداشت تي صحيح

وزير خواجه محمد آصف مراڪش جي سرڪاري دوري دوران پاڪستان ۽ مراڪش جي دفاعي سهڪار جي حوالي سان مفاهمت جي هڪ يادداشت تي صحيح ڪئي يادداشت ٻنهي ملڪن وچ ۾ ٻطرفي دفاعي ۽ سيڪيورٽي سهڪار کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ هڪ اهم سنگ ميل آهي دفاع واري وزير گڏيل دلچسپي جي شعبن ۾ سهڪار وڌائڻ تي وفد جي سطح تي ڳالهين جي قيادت به ڪئي

بقايا 34 تيار

۾ شرڪت لاءِ وفدن جي آمد جو سلسلو جاري آهي گلگت بلتستان اسيمبلي جو اسپيڪر نذير احمد ۽ قومي اسيمبلي ميمبر تمڪين اختر نيازي ڪراچي پهچي ويا آهن گلگت بلتستان اسيمبلي اسپيڪر جي ڪراچي ايئرپورٽ آمد جي موقعي تي ايم پي اي جام شبير علي خان صائمه آغا ۽ يوسف بلوچ پاران سندس آجيان ڪئي وئي ۽ گلدستو پيش ڪيو ويو قومي اسيمبلي ميمبر تمڪين اختر نيازي جي آمد جي موقعي تي ايم پي اي صائمه آغا، تنزيلا ام حبيبا ۽ هير سوهو پاران آجيان ڪئي وئي سنڌ اسيمبلي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه جي قيادت هيٺ اڄ کان 7 فيبروري 2026ع تائين ڪامن ويلٿ پارلياماني ايسوسيئيشن (سي پي اي) ايشيا ريجن جي ستين ۽ سي پي اي ايشيا ۽ ڏکڻ اوڀر ايشيا ريجن جي ٻي گڏيل پارلياماني ڪانفرنس جي ميزباني ڪري رهي آهي

بقايا 35 پابنديون لاڳو

الزام ۾ ايران جي 10 شخصيتن ۽ هڪ اداري تي نيون پابنديون لاڳو ڪري ڇڏيون آهن. پرڏيهي خبرون ادارن مطابق اها ڳالهه برطانوي پرڏيهي آفيس پاران جاري ڪيل بيان ۾ چئي وئي آهي بيان مطابق پابندين هيٺ ايران جو گهرو وزير اسڪندر مومني، لورستان پوليس جو چيف محمد رضا هاشمي پبلڪ سيڪيورٽي پوليس جو سربراهه سيد مجيد فيض جعفري، پاسداران انقلاب (آءِ آر جي سي) جي فارس صوبي جو ڪمانڊر سميت ڪيترين ئي فوجي ۽ عدالتي اختياريون شامل آهن برطانوي پرڏيهي آفيس جو چوڻ آهي ته برطانيه هيستائين ايران جي 550 کان وڌيڪ شخصيتن ۽ ادارن تي پابنديون لاڳو ڪري چڪو آهي جن ۾ پاسداران انقلاب کي مڪمل طور تي پابندين جي لسٽ ۾ شامل ڪرڻ به شامل آهي. اهو قدم اهڙي وقت ۾ سامهون آيو آهي

بقايا 36 اعلان رد

کي دهشتگرد قرار ڏيڻ جي اعلان کي رد ڪري ڇڏيو آهي پرڏيهي خبرون اداري مطابق ايران جو اهڙو اعلان يورپي يونين جي ان فيصلي بعد سامهون آيو جنهن ۾ ايران جي پاسداران انقلاب کي دهشتگرد تنظيم قرار ڏنو ويو هو

بقايا 37 منظور

آهي. اي پي اين ايس جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي 3 فيبروري 2026 تي ڪراچي ۾ منعقد ٿيل پنهنجي اجلاس ۾ هڪ خاص قرارداد منظور ڪئي جنهن ۾ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن پاران گذريل 15 مهينن کان ڊان ميڊيا گروپ کي سرڪاري اشتهارن تي مڪمل پابندي تي گهري ڳڻتي ۽ افسوس جو اظهار ڪيو ويو ايگزيڪيوٽو ڪميٽي نشاندهي ڪئي ته قائداعظم پاران شايع ٿيندڙ هي اخبار پنهنجي بقا لاءِ سنگين خطرن کي منهن ڏئي رهيو آهي اي پي اين ايس جي متفقه راءِ ۾ ڊان ڊيلي کي سرڪاري اشتهارن کان محروم ڪرڻ نه رڳو ناانصافي آهي پر اظهار جي آزادي تي حملو پڻ آهي اي پي اين ايس جو خيال آهي ته هي قدم ميڊيا گروپ کي پنهنجي ادارتي پاليسي تبديل ڪرڻ تي مجبور ڪرڻ لاءِ ڪيو ويو آهي اي پي اين ايس ٻيهر ورجايو ته سرڪاري اشتهار قومي خزاني مان ادا ڪيا ويندا آهن تنهن ڪري انهن کي اخبارن جي ادارتي پاليسي تي اثر انداز ٿيڻ لاءِ استعمال نه ڪيو وڃي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي مالي دٻاءُ ۽ گهٻراهٽ جي هن ڏکئي وقت ۾ ڊان ميڊيا گروپ سان متفقه طور تي مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪيو اي پي اين ايس جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي وزيراعظم ميان محمد شهباز شريف پاران ٻه سال اڳ اخباري صنعت لاءِ سرڪاري اشتهارن جي شرحن ۾ واڌ بابت ڪيل فيصلي تي عمل نه ڪرڻ تي وفاقي حڪومت جي مسلسل عدم توجهه تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو هن دير جي ڪري، نه رڳو اخباري صنعت سخت مالي بحران کي منهن ڏئي رهي آهي پر اهو پڻ هڪ اشارو آهي ته وزيراعظم جي هدايتن تي عمل نه ڪيو ويو آهي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي ميمبرن نوٽ ڪيو ته پي آءِ ڊي اسلام آباد اڃا تائين 2020 جي نئين اشتهاري پاليسي کان پوءِ جاري ڪيل اشتهارن سان لاڳاپيل ميمبر پبليڪيشنز جي واجبات جو هڪ وڏو حصو ادا نه ڪيو آهي. ميمبرن مطالبو ڪيو ته پي آءِ ڊي بقايائن جي ادائيگي کي تيز ڪري ۽ پرنٽ ميڊيا کي اشتهارن جي ڪل مقدار جو منصفاڻو حصو ڏئي ان سان گڏ، اهو به مطالبو ڪيو ويو ته اشتهار جاري ڪندڙ اشتهار ڏيندڙن کي پنهنجي پسند جي ميڊيا تجويز ڪرڻ جو حق ڏنو وڃي ۽ پي آءِ ڊي جي علائقائي آفيسن کي پنهنجي علائقي جي اخبارن کي ميڊيا جاري ڪرڻ جو اختيار ڏنو وڃي. سنڌ جي ميمبرن ايگزيڪيوٽو ڪميٽي کي ٻڌايو ته سنڌ انفارميشن ڊپارٽمينٽ (آءِ اين ڊي) پاران جاري ڪيل اشتهارن جي ڪل مقدار ۾ اخبارن جو حصو تمام گهٽ سطح تي پهچي چڪو آهي. جڏهن ته نان بجيٽ اشتهارن ۽ ٻين بقايائن جي ادائيگي پڻ اڃا تائين ادا نه ڪئي وئي آهي ميمبرن متفقه طور تي فيصلو ڪيو ته عهديدار سنڌ جي اطلاعات واري وزير جناب شرجيل انعام ميمڻ سان ملاقات ڪندا ۽ ڪيس سنڌ جي اخبارن کي درپيش مسئلن کان آگاهه ڪندا. ايگزيڪيوٽو ڪميٽي ميسرز بيلنس پبلسٽي (پرائيويٽ) لميٽيڊ، لاهور ۽ ميسرز ريڊ اوشن ڪميونيڪيشنز اينڊ پي آر (پرائيويٽ) لميٽيڊ، لاهور جي عبوري تصديق لاءِ درخواستن کي منظور ڪيو ان کان علاوه، ايگزيڪيوٽو ڪميٽي ميسرز سوليوشن 1، ڪراچي جي بيهر تنظيم جي به منظوري ڏني اجلاس ۾ هيٺيان ماڻهو شرڪت ڪئي سينيئر سرمد علي صدر شهاب زبيري نائب صدر محمد اطهر قاضي سيڪريٽري جنرل محسن بلال جوائنٽ سيڪريٽري، محسن سيال (روزانه آفتاب ملتان)، بلال فاروقي (روزانه آغاز ڪراچي)، نجم الدين شيخ (روزاني ديانت)، محمد يونس مهر (روزاني هلچل) اڪبر سيد، حيدر آباد (روزاني عبرت)، محمد يونس مهر (روزاني جسارت)، فيصل شاهجهان (روزاني جدت)، جاويد مهر شمسي (روزاني ڪليم)، عامر ملڪ (روزاني مشرق ڪوئيٽا)، زاهده عباسي (روزنامه نواڄ)، سلمان قريشي (ماهوار نئون رخ)، ايس ايم منير جيلاني (روزاني ميريحر پاڪستان)، اسلام آباد (روزنامه)، اسلام آباد (لاهور مبصر)، همايون گلزار (روزانه سيدات بهاولپور) ۽ عرفان اطهر (روزاني تجارات) وسيم احمد (روزاني عوام ڪوئيٽا)، انصار محمود پلي (ماهوار سينٽر لائن)، فوزيه شاهين (ماهوار دستڪ ڪراچي)، بلال محمود (هفتيوار فيملي لاهور) زوم ذريعي شرڪت ڪئي جڏهن ته ممتاز علي ڦليوٽو هڪ مبصر جي حيثيت سان شرڪت ڪئي

بقايا 38 ڏک جي لهر

انٽرچينج پرسان ايم نائين موٽر وي تي تيز رفتار وين ٽرالر سان ٽڪرائجڻ جي نتيجي ۾ ڪندو آدم جي علائقي جتيا پاڙي جا رهواسي وين ڊرائيور سميت هڪ عورت ۽ هڪ معصوم ٻارڙي واقعي واري هنڌ تي ئي فوت ٿي ويا، جڏهن ته اٺ کان وڌيڪ ماڻهو زخمي ٿي پيا. پوليس ذريعن موجب حادثي جو سبب تيز رفتاري ٻڌايو پيو وڃي حادثي ۾ فوت ٿيلن ۾ 45 ورهين جي زمريءُ، 5 ورهين جو ابريش ۽ وين ڊرائيور شامل آهن حادثي ۾ زخمي ٿيندڙن ۾ 50 ورهين جو عابد، 35 ورهين جي آرزو، 3 ورهين جو بارعريش، 45 ورهين جي فائزه ۽ 28 ورهين جي سلمارا سميت ٻيا مسافر شامل آهن جن کي موٽر وي پوليس ۽ مقامي پوليس ريسڪيو ڪارروائي ڪندي وين مان ڪڍي ويجهن اسپتالن ڏانهن منتقل ڪيو ذريعن موجب حادثي جو شڪار خاندان ڪندو آدم کان شادي جي تقريب ۾ شرڪت لاءِ ڪراچي وڃي رهيو هو جو رستي ۾ حادثو پيش آيو پوليس وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي ٻئي پاسي دوڙ ويجهو مهراڻ هاءِ وي تي تيز رفتار مسافر وين ۽ ڪار ۾ ٽڪر جي نتيجي ۾ ڪندو آدم جي علائقي بنگلا روڊ جي رهواسي خالد محمود جي گهرواري ۽ سندس سالو وقاص آرائين ٿڌي تي فوت ٿي ويا جڏهن ته ٻه معصوم ٻارڙا پڻ زخمي ٿي پيا. جڏهن ته ڪندو آدم شهدادپور روڊ تي پٺاڻي نگر ڪالوني وٽ تيز رفتار ٽريڪٽر ٽرالي جي ٽڪر ۾ 13 سالا نينگر زبير ولد محمد علي کهيري ٿڌي تي فوت ٿي ويو جنهن جو لاش تعلقا اسپتال ڪندو آدم آڻي قانوني ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو نينگر جو لاش جڏهن گهر پهتو ته ڪهرام مچي ويو.

بقايا 39 فيصلو ڪالعدم

صوبائي محتسب جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو آهي. گورنر سنڌ پاران جاري ڪيل فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته صوبائي محتسب رڪارڊ تي موجود شاهدن کي نظرانداز ڪيو جنهن سبب فيصلو قانوني تقاضائن تي پورو نٿو لهي. فيصلي موجب 31 جولاءِ 2025ع تي صوبائي محتسب پاران جاري ڪيل فيصلو ڪالعدم قرار ڏنو وڃي ٿو

بقايا 40 نيلامي ڪئي وئي

قاعدن موجب نيلامي مڪمل ڪئي وئي آهي ترجمان چيف سيڪريٽري سنڌ موجب، هيءَ نيلامي سروسز جنرل ايڊمنسٽريشن اينڊ ڪوآرڊينيشن کاتي جي نگراني ۾ طئي ٿيل مالي ۽ انتظامي قاعدن ۽ ضابطن جي تحت ڪئي وئي ترجمان ٻڌايو ته نيلام ڪيل گاڏين ۾ ٽويوٽا ڪرولا، سوزوڪي ڪلٽس، سوزوڪي مهراڻ پروکون کان علاوه نسان متسوبشي لانسر ۽ ايمبولينسز شامل هيون

بقايا 41 سزا

مجموعي طور ساڍا 26 سال قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي آهي عدالت طرفان ملزم تي 10 لک رپين جو جرمانو پڻ عائد ڪيو ويو آهي جڏهن ته جرمانو ادا نه ڪرڻ جي صورت ۾ ملزم کي وڌيڪ هڪ سال قيد ڀوڳڻو پوندو پراسيڪيوشن موجب متاثره ڪمسن ٻچي جي والده طرفان ملزم خلاف ڪيس داخل ڪرايو ويو هو پراسيڪيوٽر حنا ناز عدالت کي ٻڌايو ته ٻچي ناشتو وٺڻ لاءِ هوٽل وئي هئي، جتي ملزم پيسن جو لالچ ڏئي ڪيس پنهنجي گهر وٺي ويو

بقايا 42 قائم

چيئرمين نيب سهيل ناصر پراسيڪيوٽر جنرل احتشام قادر شاهه ۽ ڊائريڪٽر جنرل امجد مجيد اولک نيب جي ڪارڪردگي بابت ذريعن ابلاغ جي نمائندن کي تفصيلي بريفنگ ڏني بريفنگ دوران ٻڌايو ويو ته چيئرمين نيب ليفٽيننٽ جنرل (ر) نذير احمد جي قيادت ۾ اداري غيرمعمولي ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪيو آهي نيب موجب گذريل ٽن سالن دوران مجموعي رڪوري 11524 ارب رپين (41 ارب ڊالر) تائين پهچي وئي آهي رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو ته نيب قبضي ۾ ورتل 29 لک 80 هزار ايڪڙ سرڪاري ۽ ٻيلن جي زمين به واڳزار ڪرائي، جنهن جي ڪل ماليت تقريباً 59 کرب 80 ارب رپيا آهي علائقائي سطح تي نيب سکر 3730 ارب رپين، بلوچستان 1374 ارب رپين ۽ ملتان 653 ارب رپين جي زمين بحال ڪرائي

بقايا 43 فوت

عورت فوت ٿي وئي آهي سعيد آباد ٿاڻي جي حد بلديا ٽائون سيڪٽر 9 سي جي ويجهو گهر مان ڪيترائي ڏينهن پراڻي 62 سالن جي خواجا سرا لياقت ولد عاشق حسين جو لاش مليو

پلاننگ، ڊولپمينٽ، مانيٽرنگ اينڊ امپليمينٽيشن سيل
ڪلچر، ٽوئرزم، اينٽيڪوئٽيز اينڊ آرڪائيوز ڊپارٽمينٽ
حڪومت سنڌ

رومي قبرستان جي پويان، نزد گرڊ اسٽيشن، ناردرن باءِ پاس، ڪراچي

ٽينڊر طلبي نوٽيس (NIT)

No. XEN/PDMI/NIT-5/2025-26/258 Dated: 2nd February, 2026

PDM&I سيل SPPRA رولز 2010 (اڄ تائين ترميم ٿيل) جي قاعدي 46(2) تحت بيان ڪيل هڪ مرحلي تي ٻه لفافي طريقيڪار تحت اي-پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم E-PADS ذريعي هيٺين ڪمن جي پروڪيورمينٽ لاءِ سڀني خواهشمند ٺيڪيدارن/فرمن کان معياري بڊ دستاويز فارمن تي اي-آڇون گهرائي ٿو.

شمار نمبر	ڪم جو دائرو	لازمي PEC ڪيٽيگري ۽ اسپيشلائيزيشن ڪوڊس	تڪميل جو مدو
1	ڪلچرل ڪامپليڪس ميرپورخاص جي مرمت ۽ تزئين و آرائش	C6يا ان کان مٿي(CE-01, CE-09, CE-10)	5 مهينا
2	درازا شريف ۾ سچل سرمست ڪامپليڪس جي مرمت ۽ تجديد	C6يا ان کان مٿي(CE-01, CE-09, CE-10)	5 مهينا
3	اسسٽنٽ انجنيئر PDM&I سيل، لاڙڪاڻي جي آفيس جي مرمت ۽ تجديد	C5يا ان کان مٿي(CE-01, CE-09, CE-10)	5 مهينا
4	ايڪسپلوريشن اينڊ ايڪسڪيويشن برانچ جي مرمت ۽ تجديد	C6يا ان کان مٿي(CE-01, CE-09, CE-10)	5 مهينا
5	سيوهڻ شريف ۾ لعل شهباز گورنمينٽ لائبريري جي مرمت ۽ تجديد	C6يا ان کان مٿي(CE-01, CE-09, CE-10)	5 مهينا

1. اهليت جو معيار (لازمي):

a) قابليت جا تفصيلي معيار/شرط بڊ دستاويزن سان منسلڪ/دستياب آهن.

b) پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC) سان ڪارآمد رجسٽريشن، انڪم ٽيڪس ڊپارٽمينٽ (NTN) سان ڪارآمد رجسٽريشن ۽ سنڌ روينيو بورڊ سرٽيفڪيٽ (SRB)، (سڀ گهربل رجسٽريشن جتي/جيڪڏهن لاڳو هجي) لاڳاپيل ڪيٽيگري ۽ اسپيشلائيزيشن ڪوڊ ۾. ٺيڪيدارن کي FBR ۽ SRB جي ايڪٽو ٽيڪس پيئر لسٽ تي سرگرم هجڻ گهرجي، جتي لاڳو هجي.

c) فرم وٽ گهٽ ۾ گهٽ ساڳي قسم جو هڪ پروجيڪٽ،جنهن جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت تخميني لاڳت جو 80 سيڪڙو يا ان کان زياده، يا ساڳي قسم جا ٻه پروجيڪٽس، جن مان هر هڪ جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت تخميني لاڳت جو 50 سيڪڙو يا ان کان وڌيڪ هجي.

d) گذريل ٽن (03) سالن دوران سراسري ساليانو مالي ٽرن اوور اسڪيم/پروجيڪٽ جي برابر قيمت کان ڪنهن به صورت گهٽ نه هجڻ گهرجي. واڪ ڏيندڙ کي هيٺيان دستاويز فراهم ڪرڻا پوندا، يعني:

1.گذريل (03) ٽن سالن جون بينڪ اسٽيٽمينٽ.

2.گذريل (03) ٽن سالن جا ساليانا ٽيڪس ريٽرنس.

3.رجسٽرڊ چارٽرڊ اڪائونٽنٽ کان گذريل (03) ٽن سالن جون آڊٽ ٿيل فنانشل اسٽيٽمينٽ.

e) مٿين ڪمن سان لاڳاپيل واڪ ڏيندڙ وٽ ملڪيتي/ڪرائي تي ورتل سامان، مشينري ۽ ٽرانسپورٽ جي فهرست.

f) فرم سان ڪم ڪندڙ انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنيڪل عملي جو بايو ڊيٽا ساڻ تصديق شده CVs.

g) ٽينڊر/واڪ دستاويزن جي هر صفحي تي فرم/واڪ ڏيندڙ پاران دستخط ۽ مهر لڳل هجڻ گهرجي. مشروط آڇن تي غور نه ڪيو ويندو.

h) -/100 رپين جي دستاويز تي حلف نامو ته فرم بليڪ لسٽ ناهي/ڪنهن به قانوني چاره جوئي ۾ ملوث نه آهي / ڪنهن به کاتي ۾ ڪو به ڪم اڌ ۾ نه ڇڏيو آهي ۽ مهيا ڪيل معلومات / دستاويز سچا ۽ صحيح آهن.

2. واڪ/ٽينڊر دستاويز (جاري ڪرڻ، کولڻ ۽ جمع ڪرائڻ):

خواهشمند واڪ ڏيندڙ SPPRA جي EPADS ويب سائيٽ (https://portalsindh.eprocure.gov.pk) تان 02-02-2026 کان 24-02-2026 تائين واڪ ڏيندڙ دستاويزن تائين رسائي/ڊائون لوڊ ڪري سگهن ٿا. خواهشمند واڪ ڏيندڙن کي گذارش آهي ته اهي اي-بڊ جمع ڪرائڻ لاءِ پنهنجي فرم/ڪمپني کي SPPRA جي EPADS ويب سائيٽ https://portalsindh.eprocure.gov.pk تي رجسٽر ڪرائين.

a) هر لحاظ کان مڪمل ٿيل ۽ مجاز شخص جي دستخط سان آڇون EPADS ذريعي 24-02-2026 تي صبح جو 11:00 وڳي تائين جمع ڪرايون وڃن. ٽيڪنيڪل آڇون ساڳي ڏينهن (24-02-2026 تي منجهند 12:00 وڳي) ايگزيڪيوٽو انجنيئر، PDM&I سيل، رومي قبرستان جي پويان: گرڊ اسٽيشن ناردرن بائي پاس جي ويجهو، ڪراچي جي آفيس ۾ کوليون وينديون. دستي آڇ قبول نه ڪئي ويندي.

b) واڪ ڏيندڙن کي "ڊي ڊي او، PDM&I سيل، CTA&AD، حڪومت سنڌ" جي حق ۾ ڪال آن ڊپازٽ يا پي آرڊر يا ڊيمانڊ ڊرافٽ يا بينڪ گارنٽي جي صورت ۾ بڊ سيڪيورٽي جمع ڪرائڻ جي ضرورت آهي (جيڪو فرم / واڪ ڏيندڙ جي پنهنجي بينڪ اڪائونٽ مان ڊيبٽ ڪيو وڃي ۽ فرم جو نالو ۽ لقب صحيح طور تي ذڪر ڪيو وڃي).بڊ سيڪيورٽي ۽ ٽينڊر فيس جي دستاويز جي ڪاپي E-PAD سسٽم تي آن لائن جمع ڪرائڻي پوندي ۽ مٿي واضح طور ذڪر ڪيل جي مطابق ٽينڊر فيس -/3,000 رپين جو اصل دستاويز ۽ بڊ سيڪيورٽي ايگزيڪيوٽو انجنيئر، PDM&I سيل، رومي قبرستان جي پويان، گرڊ اسٽيشن جي ويجهو، ناردرن باءِ پاس، ڪراچي جي آفيس ۾ ٽينڊر کلڻ کان اڳ پهچڻ گهرجي. بڊ سيڪيورٽي آڇ جو ڪارآمدي مدو/تاريخ کان 28 ڏينهن تائين ڪارآمد هجڻ گهرجي. جيڪي واڪ ڏيندڙ بڊ سيڪيورٽي ۽ ٽينڊر فيس اصل ۾ پروڪيورنگ ايجنسي کي بڊ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ کان اڳ جمع ڪرائڻ ۾ ناڪام ٿيندا، انهن جون آڇون رد ڪيون وينديون. آڇ 90 ڏينهن جي مدت لاءِ ڪارآمد هجڻ گهرجي.

3. شرط ۽ ضابطا:

a) جوائنٽ وينچرز (JV) تي فقط ان صورت ۾ غور ڪيو ويندو جڏهن هڪ نوٽرائيزڊ JV معاهدو مهيا ڪيو وڃي ۽ ٻئي ادارا JV (ان جي پنهنجي ڪارآمد NTN ۽ SRB ساڻ) ۽ هر پارٽنر انفرادي طور تي ڪارآمد PEC رجسٽريشن، NTN، SRB ۽ ٽيڪس تعميل سرٽيفڪيٽ رکن.

b) قابليت جي معيار ۾ ذڪر ڪيل/گهربل دستاويزن کان سواءِ وصول ٿيندڙ آڇن کي غير جوابدار آڇون سمجهيو ويندو. پروڪيورنگ ايجنسي مهيا ڪيل معلومات جي صداقت جي تصديق يا برقرار رکڻ لاءِ واڪ آرڊر سان مهيا ڪيل ڪنهن به معلومات جي ڪراس تصديق ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.

c) نمائندي جي صورت ۾، هن کي اسٽامپ پيپر/ڪمپني ليٽر هيڊ تي پنهنجي فرم/ڪمپني جي مالڪ جي اٿارٽي هجڻ گهرجي جنهن ۾ مالڪن جي تفصيل سان گڏ CNIC شامل هجي.

d) موڪل يا ڪنهن به غير متوقع حالتن جي صورت ۾، جمع ڪرائڻ ۽ کولڻ جو شيڊيول ايندڙ ڪم واري ڏينهن مطابق هوندو. پروڪيورنگ ايجنسي سڀني يا ڪنهن به آڇ کي رد ڪري سگهي ٿي ۽ SPPRA رولز 2010 (اڄ تائين ترميم شده) جي لاڳاپيل شق جي تحت واڪ جي عمل کي منسوخ ڪري سگهي ٿي.

e) پي ٽي سي ايل لينڊ لائن نمبر جي دستيابي نه هجڻ ڪري، وڌيڪ معاونت لاءِ، مهرباني ڪري آفيس جي وقت دوران ايگزيڪيوٽو انجنيئر سان سيل نمبر 0331-3263107 تي رابطو ڪريو.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
PDM&I سيل، CTA&AD
حڪومت سنڌ
رومي قبرستان جي پويان، گرڊ اسٽيشن جي ويجهو، ناردرن باءِ پاس، ڪراچي

INF-KRY/0394/26

I WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
A JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

DAILY IBRAT HYD
روزاني عبرت
اربع 04 فيبروري 2026ع

شب برات جي مناسبت سان







رحمت واري رات، شبِ برات

فقير ابوطاهر حامد ڪرمي

شبِ برات رحمت برڪت، بخشش ۽ تقديرن جي لکپڙهه جي رات آهي. سال جي بابرڪت ۽ نوراني راتين مان هڪ عظيم رات "شبِ برات" آهي، جيڪا الله پاڪ جي خاص رحمتن، مغفرتن ۽ عنايتن سان پرپور آهي. هيءَ اها مبارڪ رات آهي جنهن ۾ رب ڪريم پنهنجي محبوب جي امت تي خاص ڪرم فرمائيندو آهي. رحمتن جا در کوليا ويندا آهن، مغفرت جا اعلان ٿيندا آهن ۽ الله جي رحمت اهڙي نموني وسندي آهي جو صالحن سان گڏ گنهگارن تي به احسانن جا در کلي پوندا آهن. هن رات دعائون قبول ٿين ٿيون، سائلن جا جهول پرجن ٿا، توبه ڪندڙن کي بخشش ملي ٿي ۽ الله پاڪ پنهنجي ٻانهن ڏانهن خاص نگاهِ ڪرم فرمائي ٿو.

حديثن ۾ آيو آهي ته:

الله پاڪ پندرهن شعبان جي رات پنهنجي مخلوق ڏانهن متوجه ٿئي ٿو ۽ سيني کي بخشي ڇڏي ٿو سواءِ مشرڪ ۽ دل ۾ بغض رکڻ وارن جي.

شبِ برات جا اهم فضائل:

هن مبارڪ رات کي ڪيترن ئي نالن سان سڏيو ويو آهي، جن مان ڪجهه هي آهن:

1. ليلة الغفران — بخشش واري رات:
هن رات الله پاڪ عام مغفرت جو اعلان فرمائي ٿو. حديث ۾ آيو آهي ته الله پنهنجي سيني ٻانهن کي بخشيندو آهي سواءِ مشرڪ ۽ ڪيني رکڻ وارن جي.

2. ليلة الاجابة — قبوليت واري رات:
هيءَ انهن خاص راتين مان آهي جن ۾ ٻانهن جون دعائون رد نه ٿينديون آهن. دل جون دانهون، توبه ۽ التجائون الله وٽ مقبول ٿين ٿيون.

3. ليلة القسمة — تقديرن جي لکپڙهه جي رات:
روايتن موجب هن رات سڄي سال جا فيصلا لکيا وڃن ٿا، ڪير ڄمندو، ڪير وفات ڪندو، ڪنهن کي ڪيترو رزق ڏنو ويندو ۽ هن سال ڪهڙا واقعا پيش ايندا.

4. ليلة البراءة — ڇوٽڪاري واري رات:
"برات" معنيٰ نجات يا آزادي. هن رات ڪيترن ئي ٻانهن کي دوزخ کان آزادي عطا ڪئي ويجي ٿي.

5. ليلة المنادي — سڏ ڏيندڙ رات:
حديثن ۾ آيو آهي ته آڌي رات کان پوءِ آسمانن کان ندا اچي ٿي: آهي ڪو بخشش گهرندڙ؟ آهي ڪو رزق طلب ڪندڙ؟ آهي ڪو مصيبت جو ماريو؟ ۽ الله پاڪ سندن دعائون قبول فرمائي ٿو.

6. ليلة الشفاعة — سفارش واري رات:
جاڳندڙ ٻانها پنهنجي لاءِ ۽ ٻين مسلمانن لاءِ دعائون ڪن ٿا، ۽ الله پاڪ انهن دعائن جي برڪت سان ڪيترن غافلن تي به رحم فرمائي ٿو.

7. ليلة الحياة — دلين کي زنده ڪرڻ واري رات:
جيڪو هي رات عبادت ۾ گذاري ٿو ان جي دل کي روحاني زندگي نصيب ٿئي ٿي. (فضائلِ شب برات، حضرت پير دلبرسائين)

ملائڪن جي عيد:
عالمن لکيو آهي ته جيئن انسانن جون عيدون ڏينهن ۾ ٿين ٿيون، تيئن ملائڪن جون عيدون راتين ۾ ٿين ٿيون، ۽ شبِ برات انهن مان هڪ آهي. هن رات ملائڪن جا لشڪر زمين تي لهندا آهن ۽ رحمتون ورهائيندا آهن.

نبي پاڪ ﷺ جو عمل:
ترمذي شريف ۾ حديث آهي اُمّ المؤمنين، حضرت عائشه صديقه رضي الله تعاليٰ عنها بيان فرمائين ٿيون ته هڪ رات مون حضور نبي پاڪ ﷺ کي پنهنجي ويجهو نه ڏٺو. مان حضور ﷺ جي تلاش ۾ نڪتيس، آخرڪار پاڻ مون کي جنت البقيع ۾ مليا. پاڻ ارشاد فرمايائون ته: بيشڪ الله تعاليٰ شعبان جي پندرهين رات آسمانِ دنيا تي پنهنجي خاص تجلي فرمائي ٿو پوءِ قبيلي بني ڪلب جي ٻڪرين جي وارن کان به وڌيڪ ماڻهن کي بخشش عطا فرمائي ٿو. (ترمذي، جلد 2، صفحو 183، حديث: 739)

حضرت بيبي عائشه صديقه رضي الله عنها کان روايت آهي ته نبي ڪريم ﷺ هن رات ڊگها سجدا ڪندا هئا ۽ امت جي بخشش لاءِ دعائون گهرندا هئا. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته هيءَ رات عبادت، توبه، دعا ۽ استغفار ۾ گذارڻ وڏي سعادت آهي.

هن رات ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي:
شبِ برات رڳو هڪ روايتي رات ناهي، پر احتساب، توبه، اصلاح ۽ رب سان نئين سر تعلق جوڙڻ جو موقعو آهي.
هيءَ رات اسان کي سيکاري ٿي ته:
* دلين مان بغض ڪڍو.
* مائٽن ۽ رشتيدارن سان لاڳاپا بحال ڪريو.
* گناهن کان سچي توبه ڪريو.
* والدين ۽ مرحومن لاءِ دعا ڪريو.
* هن رات کي الله جي عبادت ۾ گذاريو.
* قرآن پاڪ جي تلاوت ڪريو خصوصاً سورة يس ۽ سورة الدخان جي تلاوت ڪيو.
* استغفار گهڻو پڙهو.
* محبوب ڪريم ﷺ تي درود و سلام پڙهو.
* صلاة التسبيح ادا ڪريو.
* صلاة الخير جا نوافل پڙهو.
* هن رات ۾ غير شرعي ڪم نه ڪيو، جيئن ڦٽاڪا ڦاڙڻ، چاٽيون ٻارڻ کان پرهيز ڪيو.
* جيترو پڄي سگهي هي رات الله جي بندگي، طاعت، عبادت ۽ رياضت ۾ گذاريو.
* هن رات ۾ دعائون گهڻيون گهرو ڇو ته هي دعائن جي قبوليت جي رات آهي.
* هن بابرڪت ساعتن ۾ پنهنجي لاءِ، پنهنجي گهر وارن لاءِ، پنهنجي ملڪ لاءِ ۽ پوري امتِ مسلمه لاءِ خير، امن، هدايت ۽ مغفرت جون دعائون گهرو.

ٽين چيف آف آرمي اسٽاف انٽر ڪلب حيدرآباد ريجن هاڪي چيمپيئن شپ

هاڪي چيمپيئن شپ جو فائينل سميع عابد هاڪي ڪلب حيدرآباد کٽي ورتو

سميع عابد ڪلب طرفان ڪپتان خضر اختر خانزادي ۽ ظفر علي شاندار گول اسڪور ڪيا

ٽنڊوڄام(اڳ ر) ٽنڊوڄام ۾ ٽين چيف آف آرمي اسٽاف انٽر ڪلب حيدرآباد ريجن هاڪي چيمپيئن شپ جو فائينل سميع عابد هاڪي ڪلب حيدرآباد کٽي ورتو رحماني ڪلب دادو کي شڪست. خبر موجب ڊسٽرڪٽ هاڪي ايسوسيئيشن جي پاران زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي هاڪي گرائونڊ ۾ جاري ٽين چيف آف آرمي اسٽاف انٽر ڪلب حيدرآباد ريجن هاڪي چيمپيئن شپ جو فائينل سميع عابد هاڪي ڪلب حيدرآباد ۽ رحماني هاڪي ڪلب دادو جي وچ ۾ کيڏيو ويو جنهن ۾ سميع عابد هاڪي ڪلب حيدرآباد، رحماني هاڪي ڪلب دادو کي 0-2 تان شڪست ڏني سميع عابد ڪلب طرفان ڪپتان خضر اختر خانزادي ۽ ظفر علي شاندار گول اسڪور ڪيا. فائينل ميچ جي موقعي تي مهمان خاص هاڪي ايسوسيئيشن ضلعي حيدرآباد جي صدر راڄ ظفر سعيد راجپوت، سيڪريٽري اختر علي تسليم رشيد راجپوت، راءِ افتخار راجپوت، عمران راجپوت ۽ جنيد اقبال راجپوت سان گڏ ٻنهي ٽيمن جي رانديگرن ۾ ونر ۽ رنر ٽرافيون ۽ ميڊل ورهايا. انهي موقعي تي خطاب ڪندي چيو ته هاڪي ايسوسيئيشن ضلعي حيدرآباد طرفان ڀهرين حيدرآباد ضلعي ۽ هاڻي حيدرآباد ريجن جي چيمپيئن شپ منعقد ڪئي وئي جيڪو هاڪي کي هٿي وٺرائڻ جي بهترين ڪوشش آهي فائينل تقريب ۾ هاڪي ايسوسيئيشن ضلعي حيدرآباد جي صدر راڄ ظفر سعيد راجپوت چيمپيئن شپ بابت آگاهي ڏيندي چيو ته حيدرآباد ريجن جو فاتح هاڪي ڪلب 7 فيبروري کان خيرپور ۾ ٿيندڙ صوبائي هاڪي چيمپيئن شپ ۾ شرڪت ڪندي جنهن ۾ سڀني ڊويزن جا فاتح ڪلب حصو وٺندا. جڏهن ته انهي موقعي تي ٽورنامينٽ ڊائريڪٽر محمد اسلم خان ڊائريڪٽر فزيڪل غلام مصطفيٰ، عبدالمنان ۽ قمر وحيد طاهر حبيب سميت ٻيا موجود هئا.

ٽنڊوڄام: هاڪي چيمپيئن شپ جو فائينل سميع عابد هاڪي ڪلب حيدرآباد کٽي ورتو

ڏوڪري ۾ ايس ايس پي جي هدايت تي پوليس جو ايڪشن

ڏوڪري (ن ع) ايس ايس پي احمد فيصل چوڌري ۽ ڊي ايس پي ڏوڪري مير امداد علي ڊاليڙ جي هدايتن تي شعبان المعظم جي موقعي تي پنهنجن حدن ۾ وڌندڙ رش کي نظر ۾ رکندي هدايتون ڪيون ويون آهن ته شهرن ڳوٺن ۾ ڦٽاڪا بند ڪرايا وڃن ۽ ڌوهاري ماڻهن تي ڪڙي نظر رکي وڃي اهڙيون ڳالهيون سمورن ٿاڻن جي ايس ايڇ اوز ايس ايڇ او ڏوڪري فدا حسين چنو ايس ايڇ او باڊهه اختر لهر ايس ايڇ او ايئرپورٽ لياقت ڪجلايس ايڇ او سيهڙ ذوالفقار گاڏينجوايس ايڇ او فتح پور علي حسن ابڙوايس ايڇ او وبهڙ شاهجهان ٻُرڙو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته ايس ايس پي لاڙڪاڻو ۽ ڊي ايس پي ڏوڪري جي سخت هدايتن تي عمل ڪندي شعبان المعظم جي پلاڙي رات مسلمان مسجدن ۾ عبادت ڪندا آهن ۽ تسبيح نمازون پڙهندا آهن هر حال ۾ امن امان جي صورتحال کي برقرار رکيو ويندو ۽ پوليس گشت وڌايو ويندواهڙن حالتن ۾ ٽريفڪ جام جي مسئلي تي ضابطو آڻڻ ۽ صحيح رخ ۾ پارڪنگ تي عمل درآمد کي يقيني بڻايو ويندو هنن چيو ته شعبان المعظم جي مهيني ۾ شهرين کي ٽريفڪ جي مسئلن کان بچائڻ لاءِ هر ممڪن حڪمت عملي جوڙي شهرين جي مشڪلاتن کي ختم ڪيو ويندوجيئن شهرين کي ڪنهن به مشڪلاتن جو منهن نه ڏسڻو پوي،هنن چيو ته ايس ايس پي احمد فيصل چوڌري ڊي ايس پي مير امداد علي ڊاليڙ پاران سخت هدايتون مليل آهن ۽ پوليس جو گشت کي وڌايو ويو آهي ۽ هر ماڻهو تي نظر رکون ٿا.

قمبر شهدادڪوٽ ۾ امن امان جي صورتحال بهتر آهي: ايس ايس پي

منهنجي پهرين ترجيح ضلعي ۾ امن امان جي بحالي آهي: حسن سردار نيازي

پوليس جا جوان ڏينهن رات پنهنجا فرائض انجام ڏيئي امن بحال ڪرائڻ ۾ مصروف آهن

شهدادڪوٽ(ڌ ر) ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ حسن سردار نيازي چيو آهي ته ضلعي ۾ امن امان جي صورتحال بهتر ٿي وئي آهي. پوليس جا جوان ڏينهن رات پنهنجا فرائض انجام ڏيئي امن بحال ڪرائڻ ۾ مصروف آهن شهدادڪوٽ پريس ڪلب جي سيڪورٽي روم ۽ صحافين کي واڪي ٽاڪي حوالي ڪرڻ واري تقريب کي خطاب ڪندي ايس ايس پي حسن سردار نيازي وڌيڪ چيو ته منهنجي پهرين ترجيح ضلعي ۾ امن امان جي بحالي آهي جنهن لاءِ پوليس کي سختي سان هدايتون جاري آهن ۽ ڪنهن به قسم جي ڌوهارين سان رعايت نه ڪئي ويندي، جنهن جو مثال پوليس مقابلي ۾ ٻن ڌوهارين کي جهنم ۽ ڪيترن کي معذور بڻائي ڇڏڻ مان ظاهر آهي. هن چيو ته صحافت خدمت جو پيشو آهي صحافي دوست پنهنجون سماجي اخلاقي ۽ قومي ذميواريون نڀائن ٿا، جن جي نشاندهي تي پوليس قدم کڻندي آهي.ان موقعي تي پريس ڪلب جي صدر غني مجاهد سنڌ جي روايت جي پاسداري ڪندي ايس پي حسن سردار نيازي کي سنڌ جي سوکڙي اجرڪ ۽ سينئر صحافي ذوالفقار حيدر سومرو ٽوپي جو تحفو پيش ڪيو.

شهدادڪوٽ: منهنجي پهرين ترجيح ضلعي ۾ امن امان جي بحالي آهي

حيدرآباد ۾ سنڌي عورت تنظيم پاران مچ ڪچهري جي تقريب منعقد

تقريب ۾ ٽيبلوز، راڳ رنگ ۽ عورتن جي سماجي خدمتن کي ڀرپور نموني اجاگر ڪيو ويو

مچ ڪچهري جو مقصد عورت مٿان ٿيندڙ ظلم، ڏاڍ، جبر خلاف آواز اٿارڻ آهي: اڳواڻ

حيدرآباد (ڀ ر) سنڌي عورت تنظيم طرفان اڄ قاسم آباد حيدرآباد ۾ مچ ڪچهريءَ جي تقريب ڪئي وئي، عورت تنظيم جون مرڪزي اڳواڻ آدي نظير قريشي،شهزادي پرڳڻي نظريا پلي .زينت چانڊيو روزانه گهاڻگرو،نظير ٻاٽو لاشاري ۽ ٻين شرڪت ڪئي، پروگرام جي صدارت سنڌي عورت تنظيم جي مرڪزي صدر ڪامريڊ آدي نظير قريشيءَ ڪئي، شاهه جي پارڪو حليمان چانڊيو،ميزبان سهڻي پارس .فنڪار ماسٽر ولي .تنوير علي راڳي . عارفه سونتي لغاري اثين مهرالنساء پرڳڻي شاهه جا بيت پڙهيا، مچ ڪچهري ۾ مختلف ڪلچرل ٽيبلوز ۽ راڳ رنگ جي محفل سان گڏوگڏ سماج ۾ عورتن جي ڪيل خدمتن کي اجاگر ڪيو ويو عورتن جي ڪلچرل فيملي مچ ڪچهري ۾ سنڌ جي شعور رکندڙ عورتن سماجي ڪارڪنن اديبن استادن ۽ مختلف شعبن سان واسطو رکندڙ خاندانن ڀرپور شرڪت ڪئي ان دوران سنڌي عورت تنظيم جي مرڪزي اڳواڻن ڳالهيندي چيو ته ڪلچرل فيملي مچ ڪچهريءَ جو مقصد هڪ ته گهرن ۾ ويٺل عورتن کي تفريح فراهم ڪرڻ ۽ عورتن جو سماج ۾ ڪردار ۽ انهن جي باري ۾ ڄاڻ ڏيڻ ۽ ماضيءَ کان وٺي موجوده وقت تائين عورت جي مٿان ٿيندڙ ظلم ڏاڍ جبر، تشدد ڪرڻ هندو مذهب سان تعلق رکندڙ نياڻين جو جبري مذهب تبديل ڪرائي شاديون ڪرائڻ ۽ سنڌ مان گم ٿي ويل نياڻين جي بازيابي جهڙن سنگين مسئلن تي آواز اٿارڻ هو. سنڌ جي نياڻين کي زبردستي اغوا ڪيو ٿو وڃي ، سالن کان گم ڪيل نياڻي پريا ڪماريءَ لاءِ هنن چيو ته ڪيس جلد کان جلد بازياب ڪيو وڃي غير مذهب نياڻين کي سندن مرضي خلاف مذهب تبديل ڪرائي شاديون ڪرائڻ هڪ منظم ڏوهه بڻجي چڪو آهي جيڪو انساني حقن، آئين پاڪستان ۽ سماجي انصاف جي سراسر خلاف آهي هن عمل سان نه رڳو نياڻين جو مستقبل تباهه ٿئي ٿو پر سنڌ جي امن رواداري ۽ صوفيانه سڃاڻپ کي پڻ سخت نقصان پهچي ٿو. هنن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته عورتن مٿان تشدد، غيرت جي نالي ۾ قتل، گهريلو تشدد ۽ نفسياتي دٻاءُ اڄ به سماج ۾ عام آهن جڏهن ته رياستي ادارن جي خاموشي ۽ ڪمزور ڪارروائي ڌوهارين کي وڌيڪ همٿ ڏئي رهي آهي مچ ڪچهري ۾ اهو به مطالبو ڪيو ويو ته: غير مذهبي نياڻين جي جبري مذهب تبديل ڪرائڻ ۽ شادي ڪرائڻ وارن واقعن جي شفاف جاچ ڪئي وڃي اهڙن ڪيسن ۾ ملوث ماڻهن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي گم ٿي ويل سنڌ جي نياڻين کي فوري طور سندن اصل مائٽن حوالي ڪيو وڃي نياڻين کي عدالتن ۾ آزاد ماحول ۾، بغير ڪنهن دٻاءَ جي پنهنجي مرضي ظاهر ڪرڻ جو حق ڏنو وڃي عورتن جي تحفظ لاءِ موجود قانونن تي صحيح معنيٰ ۾ عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي. ڪچهري جي آخر ۾ گڏيل ٺهراءُ پاس ڪيو ويو.

حيدرآباد: سنڌي عورت تنظيم پاران مچ ڪچهري جي تقريب منعقد

سڪرنڊ ۾ مرحوم عبدالحفيظ انڙ جي ياد ۾ ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ

سڪرنڊ (ن ع) هر سال جيان هن سال به مرحوم عبدالحفيظ انڙ جي ياد ۾ ڪلر ڪٽ SPLچوٿين ساليانو ٽورنامينٽ جو اهتمام ڪيو ويو جنهن جو افتتاح همدرد آرگنائيزيشن جي چيئرمين گل محمد رند جن ڪيو ان موقعي تي ٽورنامينٽ جي آرگنائيزرن علي بخش انڙ ۽ رياض انڙ بڌايو ته ٽورنامينٽ ۾ ڪل ڇهه 6 ٽيمون حصو وٺي رهيون آهن جنهن جو افتتاح اڄ گل محمد رند کان ڪرايو ويو آهي ادا ڪن ٿيون جڏهن ته ڪرڪيٽ ورزش جي حوالي سان پڻ اهم آهي هن وڌيڪ چيو ته اسين همدرد سپورٽ پروگرام جي طرفان آرگنائيزنگ ٽيم لاءِ 20 هزار سميت امپائر، ڪمنٽري مين ۽ ٽيمن لاءِ ڪل 60 هزار روپيه ڏيڻ جو اعلان ڪيون ٿا هن اهو پڻ چيو ته سڪرنڊ جي نوجوانن لاءِ همدرد جون خدمتون هر وقت حاضر آهن ان کان اڳ ڪئمپ آرگنائيزنگ ڪاميٽي جي ميمبرن بابو اسلم رند

سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۾ هيڪ جي تعاون سان ٻن ڏهاڙن واري عالمي ڪانفرنس شروع

ڪانفرنس ۾ ملڪي ۽ عالمي ماهرن پاران ڊيٽا تي ٻڌل فيصلا قومي ترقي ۽ عالمي چٽاڀيٽي لاءِ لازمي قرار

ماضي ۾ فيصلا اندازن ۽ تجربن تي ٻڌل هوندا هئا، پر اڄ جي دور ۾ فيصلا ثبوت ۽ تجزئي تي ٻڌل هجڻ کي وڌيڪ اهميت حاصل آهي: وي سي

زراعت اڃا تائين معاشي ۽ سماجي ترقي ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪري ٿي ۽ ان کي جديد بڻائڻ زرعي يونيورسٽين جي اهم ذميواري آهي

ٽنڊوڄام (ن ع) ملڪي ۽ عالمي ماهرن زور ڏنو آهي ته ڊيٽا کي سمجهڻ ۽ مؤثر انداز ۾ استعمال ڪرڻ کان سواءِ اسان دنيا جي مقابلي ۾ پوئتي رهجي وينداسين، جيڪڏهن اڄ ملڪ جديد ٽيڪنالاجي سان هم آهنگ نه ٿيو ته مستقبل ۾ چيلينجز وڌيڪ پيچيده ٿيندا، اهي ڳالهيون ماهرن سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي انفارميشن ٽيڪنالاجي سينٽر جي ميزباني هيٺ، سنڌ هائر ايجوڪيشن ڪميشن (HEC)۽ فوڊ اينڊ ايگريڪلچر آرگنائيزيشن (FAO)جي تعاون سان منعقد ڪيل ٻه ڏهاڙن واري، ٽين "ڊيٽا ڊرائيو سوشل چينج" ڪانفرنس ۽ پهرين بين الاقوامي ريسرچ سمپوزيم 2026 ۾ ڪيون. هن ڪانفرنس جو مقصد زراعت، صحت ۽ تعليم جي شعبن ۾ جديد ٽيڪنالاجي ذريعي مسئلن جا حل پيش ڪرڻ هو. افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي سنڌ زرعي يونيورسٽي جي وائيس چانسلر انجنيئر ڊاڪٽر الطاف علي سيال چيو ته ماضي ۾ فيصلا اندازن ۽ تجربن تي ٻڌل هوندا هئا، پر اڄ جي دور ۾ فيصلا ثبوت ۽ تجزئي تي ٻڌل هجڻ کي وڌيڪ اهميت حاصل آهي هن چيو ته ڊيٽا صرف انگ اکر نه پر ماڻهن جي مسئلن، ضرورتن امڪانن ۽ انساني زندگي جي نمائندگي ڪري ٿي. ڊاڪٽر الطاف سيال زور ڏنو ته ڊيٽا جي مدد سان اهو واضح ٿئي ٿو ته ڪهڙا ٻار اسڪول کان ٻاهر آهن ڪهڙا علائقن ۾ صحت جي سهولتن جي اڻهوند آهي ۽ ڪهڙيون برادريون غربت يا موسمي خطري جي وڌيڪ متاثر آهن هن چيو ته ڊيٽا سينٽر جو قيام بعد پاڪستان آرمي ٽيڪنالاجي جي مدد سان دشمن ملڪ کي شڪست ڏني جيڪا ڊيٽا جي طاقت جو واضح ثبوت آهي جڏهن ته 2022 جي ٻوڏ دوران ڊيٽا جي بنياد تي ماڻهن جي منتقلي ۽ امدادي سرگرميون ڪاميابي سان انجام ڏنيون ويون يونيورسٽي آف صوفي ازم اينڊ ماڊرن سائنس ڀٽ شاهه جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر امام الدين ڪوسو چيو ته يونيورسٽيون صرف علم ورهائڻ جا ادارا نه پر علم پيدا ڪرڻ جا مرڪز آهن هن چيو ته زراعت اڃا تائين معاشي ۽ سماجي ترقي ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪري ٿي ۽ ان کي جديد بڻائڻ زرعي يونيورسٽين جي اهم ذميواري آهي. ايف اي او جي صوبائي سربراهه ڊاڪٽر جوليس موچيمي چيو ته ڊيٽا سائنس، تحقيق ۽ سماجي ترقي کي مضبوط بڻائي ٿي جڏهن ته ڪرٽيڪل ڊيٽا اينالسز جدت ۽ ترقي لاءِ بنيادي حيثيت رکي ٿو. مليشيا کان آيل پروفيسر ڊاڪٽر نور زمان جنجهي چيو ته جديد ٽيڪنالاجي سان هم آهنگ نه ٿيڻ سان مستقبل جا چيلينجز وڌي ويندا. هن زور ڏنو ته زراعت کي جديد ٽيڪنالاجي مطابق اپنائڻ ۽ روايتي طريقا ڇڏڻ وقت جي اهم ضرورت آهي ۽ سوائل فصلن خوراڪ لائيو اسٽاڪ ۽ ماحول کي منهن ڏيڻ لاءِ ڊيٽا ڊرائيو حل اپنائڻ لازمي آهن. يونيورسٽي آف ايگريڪلچر فيصل آباد جي پروفيسر ۽ ڪسان 360 ايپ جي باني ڊاڪٽر ثاقب علي چيو ته سيٽلائيٽ تصويرون ۽ مصنوعي ذهانت جو ميلاپ فصلن جي صحت، پاڻي جي ضرورت ۽ پيداوار جي درست اڳڪٿي ممڪن بڻائي ٿو. هن بڌايو ته اها ٽيڪنالاجي زراعت، شهري منصوبابندي، ماحولي نگراني ۽ آفتن جي انتظام ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. ڪانفرنس ۾ ڊين فيڪلٽي آف سوشل سائنسز ڊاڪٽر اعجاز علي کونهارو ڊائريڪٽر آئي ٽي سي پروفيسر ڊاڪٽر مير سجاد حسين ٽالپر ڊاڪٽر محمد يعقوب ڪونڊر ۽ ڊاڪٽر ذوالفقار احمد مهر پڻ خطاب ڪيو اهڙي ريت ڪانفرنس ۾ چين برطانيا، مليشيا، ڏکڻ ڪوريا، يونيورسٽي آف ايگريڪلچر راولپنڊي، يونيورسٽي آف ايگريڪلچر فيصل آباد، ڪراچي ۽ شهيد بينظيرآباد يونيورسٽين جا ماهرن سڌو سنئون ۽ آن لائين شرڪت ڪري پنهنجا تحقيقي مقالا پيش ڪيا، جن ڪل 224 تحقيقي مقالا جمع ڪرايا ويا، مهمانن ۾ پروفيسر ڊاڪٽر اسدالله شاهه (مليشيا)، سابق وائيس چانسلر شاهه لطيف يونيورسٽي ڊاڪٽر خليل احمد ابوپوٽو رجسٽرار غلام محي الدين قريشي ڊاڪٽر اياز علي کيريو ڊاڪٽر عبدالله سيال ڊاڪٽر فرحت ميمڻ استادن ۽ شاگردن سميت ماهرن جي وڏي تعداد شرڪت ڪئي.

ٽنڊوڄام: هيڪ جي تعاون سان ٻن ڏهاڙن واري علمي ڪانفرنس شروع

باڊهه جي وچ شهر مان گذرندڙ رائيس ڪئنال پل زبون حال ٿي وئي

مختلف هنڌن تان ٽٽي پوڻ سبب ڪنهن به وقت وڏي جاني نقصان جو انديشو

پل جي زبون حالت سبب شهرين ۾ سخت بيچيني ۽ خوف واري فضا ڇانيل

باڊهه (ن ع)روڊس کاتي جي انتظامي لاپرواهي، باڊهه جي وچ شهر مان گذرندڙ رائيس ڪئنال پل زبون حال ٿي وئي، پل جون حفاظتي ديوارون انتهائي ڪمزور ٿي مختلف هنڌن تان ٽٽي پوڻ سبب ڪنهن به وقت وڏي جاني نقصان جو انديشو پيدا ٿي ويو آهي. پل جي زبون حالت سبب شهرين ۾ سخت بيچيني ۽ خوف واري فضا ڇانيل آهي. رائيس ڪئنال پل باڊهه جي هڪ اهم گذرگاهه آهي جيڪا شهر کي پير ٽڪي شاهه جيلاني محلي سميت ڳوٺ انبيون گابر مسڻ ۽ پريو مسڻ سميت ٻين ڳوٺن ۽ علائقن سان ڳنڍيندڙ آهي، جنهن سبب پل تان شهري مرد، عورتون اسڪولي ٻار مختلف ننڍين وڏين سوارين جو ڏينهن رات اچ وڃ جاري رهي ٿي پر حفاظتي ديوارن جي ڪمزور ۽ ٽٽل هجڻ سبب پل موت جو کوهه بڻجي وئي آهي. مذڪوره پل جي زبون حالي بابت اڳ به ڪافي دفعا اليڪٽرانڪ ۽ پرنٽ توڙي سوشل ميڊيا تي خبرون هلي چڪيون آهن جن کان نه رڳو روڊس کاتي جا عملدار پر گڏوگڏ باڊهه منجهان چونڊيل نمائنده پڻ باخبر آهن. تنهن هوندي به هن اهم مسئلي طرف ڪنهن به قسم جو ڌيان نه ڏيڻ مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته باڊهه مان ڪامياب ٿيندڙ نمائندن کي شهر جي ترقي ۽ سڌاري جي حوالي سان ڪيتري قدر دلچسپي آهي. پل تان گذرندڙ ٽرئفڪ جيڪا اڪثر طور جام پڻ ٿيندي رهي ٿي ان صورتحال ۾ پل تان ڪنهن ننڍي وڏي سواري يا پنڌ ويندڙ ماڻهن جي ڪيرائي ٿي هيٺ ڪري جاني توڙي مالي نقصان ٿيڻ واري امڪان کي رد نه ٿو ڪري سگهجي. ان حوالي سان باڊهه جي ساڃاهه وندن علي انور عسڪري، اصغر نوناري، محمد علي خشڪ، نور احمد هيسباڻي، مولا بخش قلپوٽو قربان علي جوڻيجو ۽ ٻين روزاني "عبرت" سان ڳالهائيندي چيو ته رائيس ڪئنال پل جي حفاظتي ديوارن جي حالت انتهائي خراب ٿي چڪي آهي، جنهن سبب ڪنهن به وقت وڏو حادثو پيش اچي سگهي ٿو هنن چيو ته ماضيءَ ۾ به پل جي زبون حالت سبب ڪيترائي حادثا ٿي چڪا آهن جن ۾ ڪيترائي شهري زخمي ٿيا، جڏهن ته هڪ نوجوان پڻ حياتي وڃائي ويٺو آهي. هنن وڌيڪ چيو ته لاڳاپيل کاتا ۽ چونڊيل نمائندا هن سنگين مسئلي کان باخبر هئڻ باوجود هن طرف ڪو به ڌيان نه پيا ڏين. هنن هاءِ ويز اختيارين ۽ تڪ جي چونڊيل نمائندن کان مطالبو ڪيو ته فوري طور رائيس ڪئنال پل جون حفاظتي ديوارون نئين سر مضبوط بنيادن تي تعمير ڪرائي شهرين جي جان ۽ مال کي تحفظ ڏنو وڃي، ٻي صورت ۾ سڄو شهر سراپا احتجاج هوندو.

ٽاڻو عارب خان ۽ پسگردائيءَ جي 20 کان وڌيڪ ڳوٺن جي چوپايو مال جي ويڪسين

ٽاڻو بولاخان(ن ع) ٽاڻو عارب خان ۽ پسگردائيءَ جي 20 کان وڌيڪ ڳوٺن جي چوپايو مال کي مختلف بيمارين کان اڳواٽ بچاءُ لاءِ ويڪسينيشن ۽ علاج جون سهولتون فراهم ڪيون ويون ڪئمپ دوران رتاول دست ۽ ڪاري ٽنگ جهڙين خطرناڪ بيمارين کان تحفظ لاءِ 7890 کان وڌيڪ جانورن کي ٽڪا لڳايا ويا، جڏهن ته 1235 کان وڌيڪ جانورن کي پيٽ جي جيتن خلاف دوا پيارڻ سان گڏ چمڙي جون سوئيون پڻ لڳايون ويون.ان موقعي تي ڊاڪٽر عبدالعزيز رستماڻي ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ڊوليپمينٽ ڪوهستان ٽاڻو بولا خان ڳالهائيندي چيو ته مالوند ماڻهن جي سهولت کي نظر ۾ رکندي اهڙي قسم جون مفت وٽرني ميڊيڪل ڪئمپون ڪوهستان جي مختلف علائقن ۽ ڳوٺن ۾ لڳايون پيون وڃن ته ، جيئن جانورن جو علاج ۽ ويڪسينيشن سندن گهر جي اڳڻ تي ممڪن بڻائي سگهجي.هن وڌيڪ ٻڌايو ته هيءَ ميگا ميڊيڪل ڪئمپ صوبائي وزير لائيو اسٽاڪ رئيس محمد علي ملڪاڻي، سيڪريٽري لائيو اسٽاڪ اينڊ فشريز ڊاڪٽر ڪاظم حسين جتوئي، ڊائريڪٽر جنرل لائيو

سنڌ سرڪار طرفان تعمير ٿيل ميگا پراجيڪٽ ڊيول ڪيوريج روڊ تباهه ٿيڻ لڳو

فلاپ ڊرائننگ جي ڪري گندو پاڻي اڳتي نيڪال نه ٿيڻ سبب هر وقت نالن ۾ پريل هئڻ ڪري روڊ کي نقصان

ناقص ميٽريل جي وڌيڪ استعمال سبب روڊ مضبوط ۽ پائيدار نه بڻجي سگهيو، شهرين ۾ سخت ڪاوڙ جي لهر ڇانيل

لوڪل گورنمينٽ جي عملدارن، ٺيڪيدار ۽ سائيٽ انجنيئر خلاف ڪارروائي ڪري سرڪاري ناڻي کي ضايع ٿيڻ کان بچايو وڃي: شهري

ٽنڊوالهيار (رپورٽ: راجه ساجد خانزاده) سنڌ حڪومت جي ڪروڙين روپين جي لاڳت سان ڪرپشن جي ور چڙهيل ناقص ميٽريل سان تعمير ٿيل ميگا پراجيڪٽ ڊيول ڪيورج روڊ ٿوري وقت ۾ ئي تباهه ٿيڻ لڳو روڊ جي ٻنهي پاسن کان نارو تعمير ٿيل ناڪاره گٽرنالي جو پاڻي فلاپ ڊرائننگ جي ڪري گندو پاڻي اڳتي نيڪال نه ٿيڻ هر وقت نالن ۾ پريل هئڻ سبب ڪري اڪثر مين روڊ تي بيهڻ ڪري روڊ ڪيترن ئي هنڌن تان اکڙجي تباهه ٿيڻ لڳو شهر جي مين روڊ کان چمبڙ روڊ جو ٺيڪيدار طرفان اڌ ۾ ڇڏيل ڪم پڻ روڙي جو شڪار ٺيڪيدار ڪم اڌ ۾ ڇڏي ڪم خبر موجب سنڌ سرڪار طرفان ٽنڊوالهيار شهر لاءِ ڪروڙين روپين جي لاڳت سان تعمير ٿيل ميگا پراجيڪٽ ڊيول ڪيوريج روڊ مختصر مدت ۾ ئي تباهه ٿيڻ لڳو آهي ناقص ميٽريل جي وڌيڪ استعمال سبب روڊ مضبوط ۽ پائيدار نه بڻجي سگهيو جنهن ڪري شهرين ۾ تشويش جي لهر ڇانيل آهي ساڳي طرح روڊ جي ٻنهي پاسن کان نارو تعمير ٿيل گٽر نالي غلط رٿابندي ۽ حد کان وڌيڪ ناقص ميٽريل استعمال ٿيڻ جي ڪري گندو پاڻي هر وقت نالن ۾ پريل آهي ۽ ساڳيو گندو پاڻي اڪثر روڊ تي گڏ ٿيڻ جي روڊ وڌيڪ تباهي جو شڪار ٿي رهيو آهي هتان جي عوام ميگا پراجيڪٽ ۾ لاپرواهي تي افسوس جو اظهار ڪندي چيئرمين نيب وزير اعلي سنڌ کان گهر ڪئي آهي ته ٽنڊوالهيار جي چمبڙ روڊ جو بند پيل ڪم جلد شروع ڪرائڻ سان گڏ اسڪيم ۾ مبينا ڪرپشن ۾ ملوث سنڌ لوڪل گورنمينٽ ڊپارٽمنٽ جي عملدارن ٺيڪيدار سائيٽ انجنيئر جي خلاف فوري ڪارروائي ڪري سرڪاري ناڻي کي ضايع ٿيڻ کان بچايو وڃي.

ٽنڊوڄام پريس ڪلب جي نئين چونڊيل عهديدارن کي مبارڪباد ڏيڻ جو سلسلو جاري

ٽنڊوڄام(ٽ ر) ٽنڊوڄام پريس ڪلب جي نئين چونڊيل عهديدارن کي مبارڪباد ڏيڻ جو سلسلو جاري آهي، پ ٽ الف تعلقي حيدرآباد ٻهراڙي جي عهديدارن سميت سياسي سماجي اڳواڻن پاران پريس پهچي مبارڪباد پيش ڪئي خبر موجب ٽنڊوڄام پريس ڪلب جي نئين چونڊيل عهديدارن کي مبارڪباد ڏيڻ جو سلسلو جاري آهي پرائمري اسڪول ٽيچرس ايسوسيئيشن تعلقي حيدرآباد ٻهراڙي جي صدر نزاڪت خاصخيلي جنرل سيڪريٽري

سڄاول پوليس جي اسپيشل ٽيم هاءِ پروفائل قتل ڪيس ۾ اهم ڪاميابي

سورج رائس مل سڄاول جي مينيجر جي قتل ڪيس ۾ روپوش مرڪزي جوابدار گرفتار

سڄاول (ڌ ر) سڄاول پوليس جي اسپيشل ٽيم هاءِ پروفائل قتل ڪيس ۾ اهم ڪاميابي حاصل ڪندي سورج رائس مل سڄاول جي مينيجر جي قتل ڪيس ۾ روپوش مرڪزي جوابدار خير محمد عرف خيرو خاصخيلي کي گرفتار ڪري ورتو آهي. پوليس ترجمان موجب ايس ايس پي سڄاول عليند راڄپر جي خاص هدايتن تي سينئر پوليس آفيسرن ڪئي. ياد رهي ته سال 2022ع ۾ سورج رائس مل جي مئنيجر نريش ڪمار جي قتل جو ڪيس ميڊيا توڙي سينيٽ جي قائمه ڪاميٽي ۾ پڻ زير بحث رهيو هو. روپوش جوابدار خير محمد عرف خيرو ولد فيض محمد خاصخيلي کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ بيهاريو ويو آهي. قتل ڪيس فريادي کيمچند ولد لڇمن داس جي فرياد تي داخل ڪيو ويو 100/2022

بلوچستان ۾ ٿيل دهشتگردي ۽ سينيٽ جي متفق قرارداد!

ڪجهه ڏينهن اڳ بلوچستان جي مختلف علائقن ۾ دهشتگردن پاران ڪيل منظم حملا يقينن پوري قوم لاءِ پريشانيءَ جو سبب آهن ۾ سيڪيورٽي فورسز جي تياري ۽ ڪهڙي وقت ۾ حملي آورن جو خاتمو اهو واضح ڪري ٿو ته جيتوڻيڪ سيڪيورٽي خدشا آهن پر ملڪ جي دفاع جي تياري مضبوط ۽ قابليت رکندڙ سيڪيورٽي فورسز جي هٿ ۾ آهي بلوچستان ۾ دهشتگرديءَ جي واقعن جي هڪ تسلسل ۾، سيڪيورٽي

بلوچستان جي سياستدانن کي اعتماد ۾ ورتو وڃي

ڪنور دلشاد

بلوچستان تازن ڏينهن ۾ دهشتگردن جي نشاني تي رهيو آهي. گذريل ڪجهه ڏينهن دوران دهشتگردن جي لڳاتار حملن ۾ 17 جوان شهيد ٿيا، جڏهن ته 31 عام شهرين جي شهيد ٿيڻ جون به اطلاعون آهن. انهن بزدلاڻه حملن جي باوجود سيڪيورٽي فورسز جو حوصلو بلند آهي ۽ گذريل ٽن ڏينهن دوران مختلف آپريشن ۾ سيڪيورٽي فورسز 'فتنه الهندستان' سان لاڳاپيل 177 دهشتگردن کي انجام تائين پهچايو آهي. بلوچستان کي هن شدت پسنديءَ کان پاڪ

پنهنجو بيانڙ واپس وٺي ورتو ته ملڪ جي معيشت شديد خطري ۾ پئجي سگهي ٿي. انهن نازڪ معاشي حالتن جي باوجود صوبائي حڪومتن جا شاهاڻا خرچ جاري آهن. جيڪي ملڪ کي ديوليه ٿيڻ جي ويجهو وٺي وڃي رهيا آهن صدرِ مملڪت جو پنهنجي گهروارن سميت

...

وفاقي ڪابينه جو هنڌ ۽ وفاقي علائقو (CT) قرار ڏنو ويو هو. 1961ع ۾ جڏهن گاديءَ جو هنڌ راولپنڊي (۽ پوءِ اسلام آباد) منتقل ڪيو ويو، تڏهن ڪراچي جو وفاقي درجو ختم ڪري ان کي صوبي مغربي پاڪستان ۾ شامل ڪيو ويو. 1970ع ۾ ون يونٽ جي خاتمي ڪانپوءِ ڪراچي کي صوبي سنڌ جو گاديءَ جو هنڌ بڻايو ويو. هاڻي هن معاملي تي آئين جي آرٽيڪل 146 ۽ 149 کي سامهون رکي فيصلو ڪرڻو پوندو

تحت ڪيترن ئي ملڪن جا دورا ڪري پاڪستان ۾ سيڙپڪاري لاءِ کين راضي ڪرڻ جون ڪوششون ڪري چڪو آهي، پر زميني حقيقت اها آهي ته اڄ به پاڪستان چين، سعودي عرب ۽ گڏيل عرب امارات جا لڳ ڀڳ 12 ارب ڊالر اسٽيٽ بئنڪ ۾ امانت طور رکڻ تي مجبور آهي. اهي رقمون صرف بيلنس آف پيمنٽس کي سهارو ڏيڻ لاءِ آهن، جن کي استعمال نٿو ڪري سگهجي. اهي معيشت لاءِ وينٽيليٽر جي حيثيت رکن ٿيون. جيڪڏهن انهن مان ڪنهن به ملڪ

...

بهرحال هن وقت ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته رياست دهشتگردن کي سماج کان الڳ ڪرڻ لاءِ بلوچ شهرين سان پنهنجا لاڳاپا مضبوط ڪري، تعليم ۽ وڏيڪ نوڪرين جا موقعا پيدا ڪرڻ پڻ اهم آهن. ياد رکو ته انصاف جي کوٽ سماج کي اندران ڪمزور ڪندي آهي. بلوچستان جو سماج خاص طور تي قبيلائي نظام جي ڪري حقن کان محرومي ۽ غلط استعمال هڪ روايت بڻجي چڪو آهي ان ڪري بلوچستان کي دهشتگرديءَ مان آزاد ڪرائڻ لاءِ بلوچستان سان پڪجهتي وڌائڻ گهرجي.

لطيفي لاٽ ——— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

چِمڪيون چَوڌارَ ڏِجَون ڏاڙيچنِ جَونَ؛
ماڻِا سامُونڊِي آئِيا، مُنهِين ڪَرِي سِينگارَ؛
اُتِين جِي پَچارَ ڪالهونڪَرَ ڪانگَ ڪَرِي.

